Specimen Copy.
[illegible]EW Room.

نئون كمر

ناري پدم

[illegible]ri Padam.

سنڌي ٽائيمس
پبليڪيشن

۱۵ آگسٽ

آزاديءَ جون

لکم لکم واڌايون

ٿي ديش وڏي ويجهي

—شيام چنڊ

سنڌي ٽائمس

نئون ڪمرو

نـاري پدم

(١٥ آگسٽ ١٩٨٢ پرچو)

مکيه سمپادڪ:
نارائڻ ڀارتي

★

بمبئي آفيس
٥٧، اگياري لين،
فورٽ، بمبئي-١.
Tele: 262212

★

الهاسنگر آفيس
٩٠ پهريون ماڙو،
لڪشمي مارڪيٽ،
الهاسنگر-٣.
Tele: 1208

قيمت پنج روپيه

ها، زندگي تنهنجي ئي نالي ......

NAUN KAMARO

(and other stories)

By: Nari Padam

•

SINDHI TIMES
Publication
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar-3
(Phone: 1208)

•

Published by:
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times
Publication.

•

Printed by:
Smt. Mohini Sobhraj
Budhwani, INQLAB Press
Ulhasnagar-3. (Phone 66)

•

Sole Agent:
Jagdish Book Depot,
Main Bazar,
Ulhasnagar-2. (Phone 455)

Price:- Rupees Five

Year : July . 1982

ڪتاب بابت......

نئين سنڌي ڪهاڻيءَ جي عمر اٽڪل پنجاهه سالن کان وڌيڪ نه آهي. امرلال هنگوراڻي (سال ١٩٣٠) اُن نئين ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪئي. اُن دور ۾ سندس ئي وقت جا ٻيا ڪهاڻيڪار هئا شري آسانند مامتورا ۽ مرزا نادربيگ. پر مان هت ڪو ڪهاڻيءَ جي اوسر جي تاريخ ڏيڻ ڪونه ويٺو آهيان. اِنڪري سنڌي ڪهاڻيءَ کي ائين ڇڏي وري ورهاڱي بعد جي سنڌي ڪهاڻيءَ تي ايندس. اُن جو وقت به اٽڪل پنجٽيهه سال کن آهي (١٩٤٧ کان ١٩٨٢ تائين) اُن وقت ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ کي جي ڪن دورن ۾ سهوليت جي لحاظ کان ورهائجي ته مکيه طور ٽي دور ٿيندا.

ترقي پسند دور.

رومانوي دور.

۽ جديد دور.

انهن دورن ۾ ڪن ليکڪن جون ڪي تمام سٺيون ڪهاڻيون ليکجن ٿيون. جيئن ڪ ترقي پسند سنڌيت بابت يا من جي ڀاونا وارين ڪهاڻيون. اهو دور به اٽڪل ڏهاڪو سالن کان وڌيڪ هليو.

اُن بعد جو رومانوي دور به اٽڪل ڏهاڪو سال کن هليو. هن وقت سنڌي ڪهاڻي جو جديد دور

سلسلو

ليکڪ جو پتو:-

تاري پدم

بلاڪ نمبر اٺين (۸) ڪمري جي پرسان،
جري پٽڪا ڪالرنسي. ناگپور - ۱۴

اڄ جي زندگي آهي ئي اهڙي- سڀو ڏينهن ھڻ-پٽ، پاڻيءَ لاءِ اُڃ، روٽيءَ لاءِ بک نه لڳي ئي اهڙي طرح جسم لاءِ واسنا جي بک به هڪ انگ آهي. پر ڇا رڳو کائڻ پيئڻ ۽ بک لاهڻي آهي، پيار ڪا چيز ئي ڪانه ٿيندي آهي. اُن وشيه تي ناري پدم جنوري ١٩٦٥ ۾ هن ڪهاڻي دوران اظهار ڪيو آهي.

سندس ٻي ڪهاڻي آهي ”وچ جي ديوار“ جا جولاءِ ١٩٦٦ع ۾ لکيل آهي.

نائڪا جي من ۾ گهڻو آهي جو ڪيس ٽڪيندو رهي ٿو، اهو-اهو نه سندس ابدڙ پيار، سندس پتيءَ وٽان نه اٿس. ۽ ٻئي طرف سندس گهوٽ جو مٿس پورن وشواس آهي. هو اڄ جو نوجوان آهي- جنهن کي خبر آهي ته ڇوڪري شادي هڪ سان ٿي ڪري، پر ان کان اڳ پيار ٻئي سان اٿس. اها ڇوڪريءَ لاءِ مجبوري آهي جو هوءَ جنهن کي پيار ٿي ڪري، ان سان شادي ڪري ڪونه ٿي سگهي. نائڪا اهو پڌائي ته سندس ابدڙ پار سندس پتيءَ وٽان نه آهي- پاڻ کي نجات ٿي ڏيڻ چاهي- پر اُن جو اثر سندس پتيءَ تي ڇيڻ بابت نٿي سوچي. ”بد آوازن جي وچم“ به اهڙي ئي قسم جي ڪهاڻي آهي. نائڪا وٽ دؤلت، دنيوي سک سهنج نه آهن پر وٽس پيار نه آهي.

ناري پدم جون ٻيون ڪهاڻيون به وچولي طبقي

هلي رهيو آهي ۽ آهستي آهستي آ- کهاڻي ۽ کر
ڪٽي رهي آهي.

انهن ڪري آهي ته اُن جديد دؤر ۾ ڪي ترقي پسند
يا رومانوي ڍنگ جون ڪهاڻيون ڪري تيون لکيون وڃن
۾ ڏسبو گهٽائيءَ ڪي.

اُن جديد دؤر ۾ ايشور چندر، هريش واسواڻي،
شيام جئسنگهاڻي، وشنو ڀاٽيا، آنند کيماڻي ۽ اچي ٿي
وڃن ٿا ۾ اُن بعد ٻيا ڪهاڻيڪار نــاري پدم، ناهدي،
لکمي کلاڻي، موهن ديپ، ٻرج موهن، گوردن تلواڻي،
جيمت رهلواڻي، موتيلال جوتواڻي، ۽ لکڻ لڳا.

مان هت ناري پدم جــو ذڪر ڪندس جو هي
ڪهاڻين جــو مجموعو سندس لکيل ڪن ڪهاڻين
جو آهي.

مونکي لڳي ٿو ته ٻوليءَ جي مدنظر ۽ ۾ وشيه جي
لحاظ کان ڏٺو وڃي ته هــي ڪهاڻيڪار ايشور چندر
سان ٿو بيهي، ٻنهي جون وشيون اڪثر وچولي درجي
جي شخص، ڪٽنب، جو چٽر ٿيون پيش ڪن.

مان وري ڀاڱ ڪي ناري پدم تائين محدود رکندس،
هن مجموعي جون ڪهاڻيون نـــي ڪٽي ونــون
" ميرٺ جا رجندي رهي ٿي. "

سويتا ٻاهرين طور ته خوش آهي. ور-گهر واري آهي
۾ سندس من ڪاڏو بيو آهي- هن جي واسنا جي لڪ ته
منجهي، ٿي ۾ پيار نه مليو آهي.

● ممتا جاڳندي رهي ٿي

ٿڪيءَ مان لهي هن ڪلهن تان ڪسڪي ويل ساڙهيءَ جي پلئُو کي ٺاهيو. پوءِ هيٺ رکيل سوٽ-ڪيس هٿ ۾ کڻي ڏاڪڻ چڙهي مٿي پهتي. پٽ تي انگيل ڦالي جي لکتي پڙهي، سوٽ ڪيس هيٺ رکي هن ڪال بيل کي دٻايو. انتظار هوس ته دروازي جي ڌنڌلي شيشي جي پويان پاڇو نظر اچي ۽ دروازو کلي. ٿوريءَ دير کانپوءِ دروازو کليو ۽ ريشمي پردي کي هٽائي سوينتا ٻاهر نهاريو. سامهون سندس وڏي ڀيڻ نيما بيٺي هئي.

سوينتا جي اکين ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي آئي. ”ديدي!“ سوينتا خوشيءَ مان پڪاريو ۽ ٻئي ڀيڻر هڪ ٻئي جي ڀاڪر ۾ قابو ٿي ويون.

”ڪيتري نه ڪمزور ٿي وئي آهين.“ نيما چيو ۽ هن هڪ دفعو سوينتا جي منهن ۾ نهاريو.

سوينتا ڪجهه ڪين ڪڇيو. نيما جي ٻانهن جي پڪڙ ٿهائين مضبوط ٿي وئي.

ٿورو وقت ٻئي هڪ ٻئي جي ڀاڪر ۾ رهيون ۽

جي پيار ۽ مجبورين جو چٽر آهن. سندس آخرين ڪهاڻي آهي ”نئون ڪمرو“

هڪ ٻيءُ ماءُ ڪيئن حالتن جي اندر پيڙجن ٿا، آئينده جي سک لاءِ هو ڌيءُ جي احساس کي ڪونه ٿا ڏسن.

آخر ۾ مونکي اهو چوڻو ٿو پوي ته اسان جا ڀارت کي نقاد سڏائيندڙ ڇو ڪين ٿا هنن ليکڪن (نامديو، ناري پدم ۽ ٻيا) جو ذڪر ڪن.

سندن مٿان اهو الزام ته هو دوستيواد جي چڪر ۾ آهن ۽ ان چڪر کان ٻاهر ڪجهه ڏسن ڪونه ٿا، صحيح ته ڪونه آهي؟

مونکي اُميد ئي نه، پڪ خاطري آهي ته ناري پدم جي ڪهاڻين جو هي مجموعو نه فقط پڙهندڙن کي پسند پوندو، ڀارت کي نقاد سڏائيندڙن کي مجبور ڪندو ته هو پنهنجي من جون اکيون کولي، دوستي واد جي پٽي، لاهي سچ ۽ ايمانداريءَ جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪندا، بس.

ناراين ڀارتي

ايڪادشي، ١ جولاءِ ١٩٨٢ع
٥٦، هيرا هائوسنگ سوسائٽي،
الهاسنگر - ٣ (ممبئي)

تي اُڏامندڙ مٽيءَ ڪي ٻوٽي ڇڏي هو ۽ ٻئي ٻاهرئين حد واريءَ پل طرف وڌي رهيون هيون. نيما، سوپنا جي ٻاري ۾ سوچي رهي هئي جو هن ٻيري هوءَ ڪيئن بلڪل بدليل لڳي رهي هئي. سوپنا به خياليءَ ۾ هٿ واري ٻرس لوڏيندي سامهون نهاري رهي هئي. ٻئي اٿين چپ-چاپ هلي رهيون هيون گويا سندن واقفيت نئي اڄ ٿي هئي؛ ٻئي سوچي رهيون هجن ته ڪهڙي ڳالهه ڪهڙيءَ ڪنڊ کان شروع ڪجي. آخر نيما خاموشي ٽوڙي.

”تون ايترو گم-سم ڇو ٿي رهين؟ آئي آهيان ته توکي هڪ ٻيرو به ڪلهيءَ دل سان کلندي ڳالهائيندي ڪونه ڏٺو اٿم. اٿين ٻيو لڳي جڻ تون اها سوپنا ڪونه رهي آهين.“

”سو ته آهي ني. ڪنهن وقت مان مس سوپنا هيس ۽ هاڻي مسز ڪمل آهيان.“

”ته اُن سان ڪهڙو فرق ٿو ٻوي؟“

”فرق! تمام گهڻو ٿو فرق پئجي وڃي، ديدي! وقت ۽ بدليل راهون اِنسان ڪي زندگيءَ جو اهو بدليل روپ ٿيون ڏيکارين جنهنجي هن ڪڏهن ڪلپنا به نه ڪئي هوندي آهي. ڪنهن وقت منهنجي لاءِ زندگي بيحد خوبصورت هئي پر هاڻي ...“ ۽ سوپنا روڪجي وئي.

”۽ هاڻي؟“ نيما ڳالهه جون ڪنڊون سمجهڻ جي ڪئي. هن ڪجهه وقت سوپنا جي جواب جو اِنتظار

ٻوءِ سويتا، نيدا وارو سوٽ ـ ڪيس کڻي ڪمري اندر داخل ٿي.

نيدا پلنگ تي ليٽي ريڊرس ڊائيجيسٽ پڙهي رهي هئي. سامهون رکيل ڊريسنگ ٽيبل جي آرسيءَ ۾ پلنگ جي ٿورو مٿان ٽنگيل تصوير ۽ نيدا جو عڪس صاف-صاف نظر اچي رهيا هئا. ڊريسنگ ٽيبل جي ساڄي پاسي، ڪنڊ ۾ ننڍيءَ گول ٽپائيءَ تي رکيل ريڊيو آن ڪري سويتا جو پتي ڪمل ڪا اسٽيشن لڳائي رهيو هو. سويتا شيشي جي ڪٻٽ مان پليٽون، چمچون ۽ ڪانٽا ڪڍي رهي هئي. ان وقت نوڪر رامو ڊنر تيار ٿيڻ جي خبر اچي ڏني. ڪمل ريڊيو بند ڪيو ۽ نيدا مخزن رکي اٿي.

ڊنر کانپوءِ ڪمل ٻالڪنيءَ ۾ پيل ڪرسيءَ تي اچي ويٺو. هن نيدا کي پنهنجي طرف ايندو ڏسي، چپن تي هلڪي مرڪ آڻيندي چيو، ”هيترن ڏينهن کان پوءِ پيٽر پاڻ ۾ گڏيون آهيون، منهنجي ڪمپنيءَ جي ته توهان کي ضرورت پوندي ڪونه.“

”ٽارڻ لاءِ سٺو ٻهانو ڳولهيو اٿؤ.“ نيدا هلڪو ٽهڪ ڏنو. ڪجهه وقت هوءَ ڪمل طرف نهاريندي رهي ۽ پوءِ پنهنجي ٻئي مٺين ۾ ٻالڪنيءَ جي ريلنگ کي پڪڙي سامهون نهارڻ لڳي.

روز جيان اڄ به هو ٻئي شام جو سير خاطر نڪتيون هيون. ڪالونيءَ جي شورغل ۽ آمدرفت سبب رستي

اشانتي آهي، هوڏانهن شانتي. تہ بہ جيڪي ڪجهہ آهي، مون سندس سامهون رکيو آهي، پر هنجي نظر منهنجي سرير تائين ئي پهچي سگهي آهي." دک جي گهري ڇايا سوڀتا جي چهري مٿان ڍڪي ويئي.

ٻنهي جي وچ ۾ ڇانيل خاموشي اڳي کان بہ وڌيڪ گهري ٿي ويئي. ائين پئي لڳو ڄڻ خاموشيءَ کين ٻڌي ڇڏيو هو. انڌيرو ڪافي گهرو ٿي ويو هو. هنن کي هڪ ٻئي جو چهرو بہ صاف نظر نٿي آيو. اوچتو رستي تي لڳل بجليءَ جي ٿنڀن ۾ بلب چمڪيا ۽ انڌيرو گم ٿي ويو. تڏهن نيدا چيو، "هر ڪنهن جي نظر گهرائيءَ تائين ڪين ٿي پهچي سگهي. گرهست جيون سکي گذارڻ لاءِ ٿورو ڪي گهڻو پنهنجي من کي بہ مارڻو پوندو آهي." وري ٿورو رڪجي چيائين، "تون اهو ڇو ٿي ڀلائي ڇڏين تہ تون ڪمل جي پتني آهين. تنهنجو ڌرم آهي پنهنجو سڀ ڪجهہ پتيءَ کي ارپي ڇڏڻ ۽ موٽ ۾ ڪجهہ بہ آس نہ رکڻ."

"مان اهو مڃڻ لاءِ هرگز تيار نہ آهيان. استري سدائين ڏني-ئي ڏني ۽ ورتي ڪجهہ بہ نہ! ائين ڇو؟ استري پنهنجي پتيءَ ۽ اولاد لاءِ ئي ڇو جيئي ۽ مري. ڇو ڪين پنهنجي لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ جو حق نہ آهي؟"

"ان لاءِ استري پاڻ جوابدار آهي. شيشي جي محل ۾ بند ٿيڻ جا سپنا استري جڳن کان ڏسندي آئي آهي."

ڪيو ۽ سوڀتا کي چپ ڪري ڇيائين، ”تون هن شاديءَ مان خوش ته آهين نه؟“

”ڏيدي، گرهست جيون هڪ ڊگهو سفر آهي، جنهن ۾ قدم قدم تي ڏيون مشڪلاتون آهن. ليڪن نه نڪتل ملن ڪونه ڏيون جو انهن تي هلي وڃي منزل تي پهچي. اهوئي سبب آهي جو منزل تي پهچڻ وارا ڪي ورلي نه آهن. باقي سڀ ته راهه ۾ ئي ختم ٿي وڃن ٿا. مان به بلڪل ٺيڪ آهيان. منهنجي آتما گهايل ٿي پيئي آهي.“ سوڀتا آسمان طرف نهاريو. هن کي لڳو ته آسمان جو نيرو رنگ، سيتا جي باقي سان مرجهائجي ڦڪو ٿيندو ويو هو.

هو ڪالونيءَ جي ٻاهرين ايراضيءَ واري ٽيڪنيڪل ڪاليج وٽ پهچي، وڃي ويون. سامهون، ڏورو ڏيرو بس اسٽينڊ تي بس بيٺي هئي. بس ۾ چڙهڻ وارن ماڻهن جي قطار آهستي-آهستي سرندي نظر ٿي رهي هئي. ڪاليج کي پوئتي ڇڏي هو پل طرف وڌڻ لڳيون. هلڪو انڌارو ڇانئجي ويو هو.

”نه ڇا ڪمل توکي نٿو چاهي؟“

”چاهي ته بيحد ٿو، پر منهنجي سرڪار ڪري. سمجهه ۾ نٿو اچي ته هو منهنجي آتما کي ڪڏهن چاهيندو. ڏيدي، مان ٿي ته آتما جسا کي نٿا نڪتل ڪونه ڏيندا آهن، جڏهن ڪنهن جي سامهون ڦهلائي پڙائي سگهجي ته هن حد تي دک آهي، هن حد تي سک، هيڏانهن

خبر ڪين اٿم تہ اهو سچ آهي يا ڪوڙ پر منهنجو اِن ۾ وشواس نہ آهي. مان پوتر پيار کي پيار ڪريان ٿي پوءِ چاهي سندس هڪ ٿي جيون ڇونہ هجي. آهي نہ پيار نہ ڏيندي. منهنجي چوڻ جو مطلب اهو نہ آهي تہ مون پاڻ کي واسنا جي گهيري کان ٻاهر آڻي ڇڏيو آهي. مان پنهنجي هستيءَ کي جسم ۽ اُرپڻ چاهيان ٿي تہ آتما ۽ هيڪڙي ٻنهي جي هڪ مٺائڻ ڪجي. پر ڪمل صرف سرير جي ڀڪ کي ئي اهميت ڏيندو رهيو آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي جو منهنجي آتما هر وقت سسڪندي رهي ٿي.“

”گهڻو ٿي پڙهين نہ، اِنڪري هر ڳالهہ کي ويچارن جي اکيءَ ۾ پرکائي، اُن تي ڪلپنا جو پلستر چاڙهڻ جي تو ۾ عادت پئجي وئي آهي. ڪلپنا ڪيل تصوير کي پنهنجي زندگيءَ جي فريم ۾ مڙهڻ جي ڪوشش نہ ڪر سوپنا. اها تصوير تمام وڏي آهي ۽ زندگيءَ جو فريم تمام ننڍو. ان ڪوشش ڪرڻ سان تون ٻيو ڪجهہ بہ حاصل ڪري نہ سگهندينءَ. ها، البت زندگيءَ جو فريم ضرور ٽوڙي وجهندينءَ.“

هو هاڻي مل ڪوارٽرس مان لنگهي رهيون هيون. رستي کان ٿورو پريرو انبن ۽ نم جي وڻن جا پن هوا سبب ڌيمي - ڌيمي لڏي رهيا هئا. رستي تي ماڻهن جي اچ - وڃ ڪا خاص ڪونہ هئي. پل ويجهو اچي وئي هئي. اُتي هلڪو انڌيرو ڇانيل هو. هو بيٺي ڪجهہ

”مان انکان انڪاري نہ آهيان تہ استريءَ شيشي جي محل ۾ بند ٿيڻ چاهيو آهي ۽ پوتر پيار جي دنيا کي سميٽي رکڻ لاءِ ۽ نہ واسنا کي سميٽڻ لاءِ.“

”نہ ڄاڻ تون ڪهڙي پيار جون ڳالهيون ڪري رهي آهين جنهن ۾ واسنا آهي ئي ڪونہ ...“

سوچيندا ڳالهہ کي ڪٽڻ کان سواءِ رهي نہ سگهي، هن چيو: ”ديدي، پيار ۽ واسنا جي باري ۾ هر ڪنهن جا پنهنجا - پنهنجا ويچار آهن. منهنجي ويچار ۾ واسنا اها آهي جا ناس ٿي وڃي ٿي، جا مرجهائجي وڃي ٿي ۽ آتمڪ پيار جون لڏون ئي جيون جي وجودگيءَ کي قائم رکن ٿيون. يعني جيون جو آخري سهارو پيار آهي. واسنا تہ سرير جي بک مٽائڻ لاءِ آهي. جيئن پيٽ جي آگ اجهائڻ لاءِ روٽي. جيئن روٽي ڪپڙو جيون لاءِ ضروري آهي پوءِ بہ سڀ ڪجهہ نہ آهن، ساڳئي نموني واسنا ئي جيون لاءِ سڀ ڪجهہ نہ آهي. چوندا آهن، واسنا جڏهن مري ويندي آهي تہ پيار اُن جي لاش کي ڪلهي جگهہ-جگهہ گهمندو آهي. جيون جو مول منتر پيار ئي آهي.“ وري ٿورو روڪجي چيائين، ”نہ ڄاڻان ڪٿي پڙهيو هوم تہ پيار جو هڪ ئي جيون ٿيندو آهي. اهو هڪ دفعو ٿيندو آهي ۽ جڏهن مرندو آهي تہ مري ئي ويندو آهي. ٻيو جنم ڪونہ ملندو اٿس. امر تہ واسنا آهي جا چاهي ٽڪر-ٽڪر ٿي ڪري، ۽ ڪرندي-ڪرندي بہ وري نئون جنم پائي اُٿي کڙي ٿي ٿئي.

”ديدي، پنهنجي پاوَنا کان وڌيڪ مان ايشور کي ٻه ڪين مڃيندي آهيان ۽ شاديءَ کانپوءِ منهنجيءَ ان پاوَنا جو دم گهٽجڻ لڳو آهي. تون جيڪي ڪجهه چوين ٿي اهو سچ ٻه ٿي سگهي ٿو پر مان مڃڻ لاءِ تيار نه آهيان. هر استريءَ جي اندر هڪ ٻيو گرڀ ٻه ٿيندو آهي، اهو آهي پاوَنا جو گرڀ. استري، چاهيندي آهي ته ڪوئي سندس اُن پاوَنا جي گرڀ ۾ داخل ٿئي ۽ سندس پاوَنا کي سمجهي، هنجي پاوَنا جي ساگر ۾ هن سان ٻُڏ وهي پر مان هاڻي ائين محسوس ڪرڻ لڳي آهيان ته منهنجيءَ پاوَنا جو ساگر ئي سڪڻ لڳو آهي.“
ٿورو روڪجي وري چيائين، ”مان جن حدن تي پهچي چڪي آهيان اُن جو سبب هرو ڀرو ڪوئي هڪ نه سمجهه. شايد مون ۾ نه زندگيءَ جي وهڪري کي پنهنجي ٻانهن ۾ ڀرڻ جي طاقت رهي آهي ۽ نه وري اُن تي ٻل ٻڌڻ جي. پنهنجي گهر جي چانئٺ مونکي ٻڌي نٿي سگهي اِنڪري آڪاش ۾ اُڏرڻ جا پَتن ڪريان ٿي. ديدي، مان پنهنجيءَ پاوَنا کي ئي سڀ ڪجهه سمجهان ٿي. مان پنهنجيءَ پاوَنا جي پوڄا ڪرڻ کانپوءِ ئي پنهنجي ايشور جي پوڄا ڪري سگهنديس.“

اوچتو ڪنهن موٽر جي لئٽن جي روشني اچي هنن جي مٿان پيئي. نيدا ڏٺو ته آنسن جي نرمل ڌارا سويتا جي ڳلن کي ڀڄائي رهي هئي. هن پنهنجي

وقت انهن ئي چپ-چاپ هلنديون رهيون. پوءِ هلڪي انڌيري ۾ سويتا جو آواز آيو، ”مڃيان ٿي ته مون ۾ گهڻي سوچڻ جي عادت آهي. اهو به مان مڃيان ٿي ته مون تي ڪتابن جو ڪافي اثر آهي، ڇاڪاڻ ته ڪتاب زندگيءَ جو عڪس آهن. صرف ڪلپنا دل جي گهراين کي ڪڏهن به ڇهي نه سگهندي. هڪ ساڌارڻ انسان ڀل اهي ڳالهيون نه سمجهي سگهي پر اهڙو ته سمجهي سگهي ٿو ته هر ڳالهه جي ڪا حد هئڻ گهرجي. ليڪن ڪمل ته اهڙو به ڪين ٿو سمجهي.“

هو ٻئي پل ئي اچي ويٺيون. ٻنهي هٿن جون آڱريون هڪ ٻئي ۾ اُلجهائيندي نيما ڳالهه کي ڦيرايو، ”سويتا، مان ته ائين محسوس ڪندي آهيان ته جنهن خوشيءَ پٺيان اسين ديوانا بڻجون ٿا، سا ڪلپنا کان سواءِ ڪجهه به نه آهي. سچ-پچ ته خوشي انسان لاءِ آهي ئي ڪانه. جنهن کي انسان خوشيءَ جو حصو سمجهي ذوش ٿئي ٿو، سو خوشي نه پر ڪجهه ٻيو آهي. اهو ڇا آهي، سا ڪنهن کي به خبر نه آهي. جا شيءِ آهي ئي ڪانه، اُن لاءِ پاڻ پتوڙڻ اجايو آهي. پٿر سان مٿو ٽڪرائڻ سان پٿر ڪين ڀڄندو، مٿو ئي ڀڄندو. انڪري مان توکي صلاح ٿي ڏيان ته آتما جي! خوشيءَ وغيره لاءِ سوچڻ ئي ڇڏي ڏي. گهڻو سوچيندينءَ، گهڻو دک پائيندينءَ.“

مان چمپل لاهي پنهنجا پير مٿي ڪيا ۽ پلنگ تي ليٽي پيو. سوڀتا جي خيالن جي ڏور ٽٽي پيئي ۽ هن اُداس اکين سان ڪمل طرف نهاريو.

"هي ڪو پڙهڻ جو وقت آهي ڀلا؟" ڪمل اُٿيو ۽ پنهنجي نوٽ وهاڻي تي رکي پنهنجي مٿي کي هٿ جو سهارو ڏنائين. هن جو منهن سوڀتا طرف هو.

"پڙهڻ جو ڪو وقت ٿيندو آهي؟" سوڀتا، ڪمل طرف نهاريو ۽ ڪنهن جواب جي اِنتظار ڪندي چيائين، "مونکي ننڊ ڪونه ٿي اچي."

ڪمل هڪدم پلنگ تان اُٿيو ۽ سوڀتا جي پرسان اچي ويٺو.

"اُٿ، ڪافي رات ٿي وئي آهي." هن سوڀتا کي ٻانهن کان ڇڪيندي چيو.

"مان اڳ ئي چئي چڪي آهيان ته مونکي ننڊ ڪونه ٿي اچي."

ڪمل ڪو وقت خاموش ويٺو رهيو. پوءِ سوڀتا کي ٻانهن کان ڇڪيندي چيائين، "اچ."

"تون مونکي، چاهين ٿي ان ڪري ٿو." سوڀتا غصي مان چيو ۽ هن ڊائري بند ڪري ٽيبل تي رکي.

"اجايا سجايا ڪتاب پڙهي تنهنجا اُمنگ سرد ٿي ويا آهن، اِنڪري ئي تون اهڙي نموني سوچي رهي آهين." ڪمل سوڀتا جي ٻانهن ڇڏي ڏني.

ساڙهيءَ جي پلوءَ سان سوڀنا جا آنسو اُگهيا ۽ پوءِ ڪيس پاڪر ۾ ڀري سندس منهن چميو.

موٽڻ وقت جهڪي پرڪاش ۾ ٻه پاڇا سندن اڳيان-اڳيان هلڻ لڳا.

سوڀنا ٽيبل-لئمپ جي هلڪي نيري پرڪاش ۾ پنهنجيءَ ڊائريءَ مان اڳيئي جي ناول "شيکر" مان نوٽ ڪيل ڪي ٽڪرا پڙهي رهي هئي. لئمپ جي پرڪاش ۾ ڊائريءَ جا اکر چمڪي رهيا هئا. هن پڙهيو:

"مان ڇا آهيان؟ منهنجي "مان" ڇا آهي؟ جنهن جي انت لاءِ ايترو ڪجهه ٿي رهيو آهي، ايتريون تياريون ٿي رهيون آهن، ان جيون جي سچائي ڇا هئي؟ ڇا آهي؟ هوا ۾ اُڏامندڙ مٽيءَ مٿان ٽڪنل هڪ سنهي ليڪ ۽ بس؟"

۽ هن پنهنجو پاڻ کان پڇڻ شروع ڪيو: "هوءَ ڪير هئي، ڇا هئي، ڇو هئي ۽ هن کي زنده رهڻ جي سزا ڇو ڏني ويئي هئي؟" اهو ٻيو جواب وارو سوال هن جي ڊائري ۾ جڻ ته جمي ويو.

اوچتو بيڪڙيل دروازو کولي ڪمل ڪمري جي اندر داخل ٿيو. هو چپ چاپ وڃي پلنگ تي ويٺو. سوڀنا طرف منهن ڪري چپن تي طنزيه مرڪ آڻيندي چيائين، "لونا ايا جاڳين پيئي!" ٽورو ڀرسي وري چيائين، "وري اهي ئي ڪتاب. انهن ڪتابن ۾ وقت برباد ڪرڻ ۾ نه ڄاڻان توکي ڇا ملي ٿو!" هن ٻيون

”ڪھڙا نہ پيانڪ وڇار آھن تنھنجا.“ سوڀتا غصي وچان جھٽڪو ڏيئي پنھنجي ٻانھن ڇڏائيندي چيو.

ھوءَ اندر ڪرسيءَ تي وڃي ويٺي. ڪمل بہ چپ-چاپ ھن جي پرسان اچي ويٺو ۽ سندس ڪلھي تي آھستي - آھستي ھٿ ڦيرڻ لڳو.

اُن قسم جا ٻھت ۽ لفظي تڪرار سوڀتا ۽ ڪمل ۾ نہ ڄاڻان ڪيترا ڀيرا ٿي چڪا ھئا پر انھن مان ڪڙ تيل اڃا تائين ڪجھ بہ نہ نڪتو ھو. آخر ۾ نہ چاھيندي بہ سوڀتا کي ميڻ جيان رجڻو پوندو ھو. سندس آتما اُن گھر جي چؤديواريءَ ۾ سسڪندي رھندي ھئي ۽ سندس جسم ڳوندر رھندو ھو، اُتي ۾ لوڻ وانگر.

ڪمل ڪجھ وقت پنھنجو ھٿ سوڀتا جي ڪلھي تي ڦيريندو رھيو پوءِ سوڀتا کي ڪلھن کان اُٿاري سندس مرجھايل پنکڙين مثل چپن کي چميائين. سوڀتا سمجھي ويٺي تہ ھميشہ جيان اڄ بہ کيس جھٽڪو پوندو. ھوءَ سسڪيون ڀرڻ لڳي. ھن پنھنجو مٿيون چپ ڏندن جي وچ ۾ آٽي زور سان چڪ پاتو.

ڪمل سوڀتا کي چڪي ٻاڻ سان گڏ پلنگ تي ليٽايو. ھن جا ھٿ ڀورين سوڀتا جي وارن تي ڦرڻ لڳا پوءِ ڪلھن تي آيا ۽ پوءِ سڄي جسم تي ھلڻ لڳا.

۽ اھڙيءَ طرح ھوءَ ميڻ جيان رجندي رھي، رجندي رھي، تان جو جيستائين سموري رجي نہ ويئي.

"اهو منهنجو نجي معاملو آهي." سوينا مختصر جواب ڏنو.

بحث وڌي رهيو هو انڪري ڪمل انکي اُن تي ختم ڪيو. هو ڪجهه وقت خاموش ويٺو رهيو. پوءِ ورِي سوينا طرف نهاري چيائين، "اڇ ته."

"مان سمجهي نٿي سگهان ته توکي صرف منهنجي جسم سان پيار ڇو آهي؟"

"ڇاڪاڻ ته مونکي زندگيءَ سان پيار آهي." هو پلنگ تي وڃي ويٺو ۽ پير ۾ رکيل وهاڻو کڻي پنهنجي گود ۾ رکيائين.

"مگر مان ائين نٿي سوچيان." سوينا ٽيبل ڪور جي مڙيل ڪڊب کي سڌو ڪندي چيو.

ڪمل هڪ نظر سوينا مٿان وڌي ۽ پوءِ پنهنجيون اکيون هٿن جي ترين ۾ لڪائي ڇڏيائين.

ڪجهه وقت ڪمري ۾ بلڪل خاموشي رهي. گهڙي خاموشي ۽ پوءِ سوينا ڪرسيءَ تان اُٿي ٻاهر بالڪنيءَ ۾ وڃي ويٺي. جهٽ بعد ڪمل به اچي سندس پاسي ۾ ويٺو. ڪمل هن جي ٻانهن کي جهليندي چيو، "شاديءَ جو ٻيو مطلب ڪهڙو آهي. آخر ان ۾ برائي ڪهڙي آهي؟ جيڪي شادي ڪيل نه آهن، اهي به اُن جا خواهشمند هوندا آهن، ان ڳالهه لئي تون گهرائيءَ سان سوچي ڏس"

• وچ جي ديوار

لبرٽي ٿيٽر واري چاڙهي چڙهڻ وقت اسڪوٽر جي رفتار ڪجهه تيز ٿـــي وئي. ڪمل ڪـي نيري چوڪڙي واري شرٽ ۽ نيرلين جو سوٽ پيل هو. هوا سبب شرٽ جو ڪالر هر گهڙيءَ اُڏامي هن جي ڪن جـــي مٿين حصي تي وڃي رهيو هـو. هن ڪالر کي ذرا ٺاهيو ۽ ٻانهن ۾ ٻڌل واچ طرف نهاريو. وارن سان ڀريل ڪرائيءَ مٿان واچ جو گول ڊائل چمڪي رهيو هو. انگن جـــي جاءِ تـــي ٽِڪا هئا. ڏِگهو، سنهو، ٻونـــد لڳل ڳاڙهو سيڪنڊ ڪانٽو ٽڪڙو- ٽڪڙو هلي رهيو هو. سوا پنج ٿيا هئا.

”پارٽي ايترو جلد ختم ٿي ويندي، اُميد ڪونه هئي. منهنجو خيال آهـــي ته ڪجهه وقت هلـــي باغيچي ۾ گذارجي. تنهنجو ڪهڙو خيال آهـي؟ پڪچر ته ساڍي ڇهين بجي چالو ٿيندي.“ ڪمل پنهنجي پٺيءَ سويتا مٿان سوالي نگاهون وجهندي چيو.

”جيئن تنهنجي مرضي.“ نيري بارڊر واري سفيد ريشمي ساڙهيءَ جـــو پلؤ ٺاهيندي سويتا اُداس جواب

صبح جو ھو ٻالڪنيءَ ۾ ويٺي ھئي ۽ سندس
ذھن ۾ نيٺا جا اکر گونجي رھيا ھئا: ”جنھن خوشيءَ
پٺيان اسين ديوانا ٿيون ٿا، سا ڪلھا کان وڌيڪ
ڪجھ به نه آھي ... گرھست جيون سکي گذارڻ لاءِ
ٿورو ڪي گھڻو پنھنجي من کي به مارڻو پوندو آھي.“
۽ ھن محسوس ڪيو ته ھو پنھنجي اندر ۾ مري
وئي ھئي! ●

(ڪونج جنوري ١٩٦٥)

جي تهه مٿان اُن جوڙي جون سينٽي ڳالهيون
ٻانٽجي ويون.

”هون!“ سوبتا اُن کان وڌيڪ ڪجهه به نه چئي
سگهي.

اسڪوٽر تيز رفتار سان هلي رهيو هو. هڪ چونڪ،
ٻيو چونڪ ۽ پوءِ لمبي چاڙهي پار ڪري اسڪوٽر راج-
ڀون باغيچي جي وڏي ڦاٽڪ جي ٻاهران اچي بيٺو.
هو ٻئي لٿا. ڦاٽڪ لنگهي، چاڙهي چڙهڻ لڳا. رستو
پڪو هو. رستي جي هڪ پاسي بيٺل وڻ، ٻئي پاسي
رستي کان ٿورو پريرو رکيل سيمينٽ جا گول پائيپ
سج جي ڳاڙهي روشنيءَ ۾ چمڪي رهيا هئا. مٿي
چاڙهيءَ کانپوءِ باغيچو نظر اچي رهيو هو.

سيمينٽ جي گول پائيپن مٿان نظر اُڇلائيندي
ڪمل چيو، ”مان نه سوچيندو آهيان نه اهي سڀ
پارٽيون، جشن، اسان لاءِ ٻي معنيٰ آهن. ڪوڙ آهن،
سڀ ڪوڙ. اصلي سچ هڪ ئي آهي جو وڏو آهي،
مهان آهي. جنهن اسانجي زندگيءَ جي هر هڪ ننڍي
سچ کي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو آهي. اهو سچ آهي اسان
جي وچ جي ديوار، جنهن اسانجي زندگيءَ ۾ انڌيرو
ڦهلائي ڇڏيو آهي.“

سوبتا جي چهري تي هڪدم انڌيرو ڇانئجي ويو،
گويا ڪنهن اوچتو ٻجليءَ جو بٽڻ مٿي ڪري ڇڏيو

ڏنو. ائين ٿي لڳو گويا اهي اکر ڪنهن کانئس زوريءَ
چوايا هئا.

ڪمل ڊرائيور کي راجپون باغيچي ۾ هلڻ لاءِ چيو.

اسڪوٽر رستي تان لنگهندڙ ماڻهن، بس اسٽينڊ،
بشپ ڪاٽن هاءِ اسڪول کي پوئتي ڇڏي لبرٽي ٿيٽر
جي بلڪل قريب پهچي چڪو هو. سامهون واري چرچ
جي ٻاهران لڳل ڪراس جو نشان هميشه وانگر بلڪل
خاموش بيٺو هو. ڪمل جي نظر ڦٽ پاٿ تان لنگهندڙ
اينگلو-انڊين جوڙي مٿان وڃي پيئي جو شايد شام جي
سير خاطر نڪتو هو. وڏين ڪڙين واري سينڊل جي
ٺڪ-ٺڪ جي آواز کي چيريندو، اسڪوٽر جهٽڪو
ڏيئي بيهجي ويو. سامهون، چوراهي واري ڳاڙهي بتي
ٻري وئي هئي. سائي بتي ٻرڻ تي جڏهن اسڪوٽر
هلڻ شروع ڪيو ته هوا کي چيريندي ڪمل جو
آواز آيو.

"پارٽي ڪيئن لڳي؟"

سوپنا ٻانهن ۾ پاتل واچ جي چاٻيءَ کي بي خياليءَ
۾ گهمائيندي چيو- "ٺيڪ لڳي." اهي اکر هن ڪجهه
اهڙي نوع ۾ چيا جڻ ڪي اهي اکر چوڻ لاءِ کيس
ڪافي محنت ڪرڻي پيئي هئي.

"مسٽر ۽ مسز سنڌاڻي ڪيترا نه خوش پئي لڳا.
اهو آئيڊيل سکي گرهست جيون." ڪمل جي چپن تان

آتما تان ٻوجهه لهي ويندو ۽ من جي دري اُن پاسي کلندي جنهن پاسي پيار هوندو، مسڪراهٽون هونديون. پر ائين ڪين ٿيو. تون منهنجي قريب ڪين اچي سگهينءَ، نه ڄاڻان ڪهڙيءَ دنيا ۾ گم رهين ٿي. مان توکي پڪاريندو رهيس پر منهنجي پڪار جو اثر ..." تيز رفتار سان ايندڙ ٽرڪ سندن پرسان لنگهي وئي ۽ ڪمل جي ڳالهه ڪٽجي وئي.

”توکي ڪيئن سمجهايان ته منهنجو سراپا، منهنجو من، منهنجي آتما ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ ڪين رهيا آهن، تنهنجيءَ دنيا ۾ ئي رهيا آهن. تنهنجي قرب، تنهنجيءَ ٻهنجيءَ چاهنا وانگر. ڪمل، تون منهنجو پاڻ ڄاڻجي چڪو آهين. مون کان به وڌيڪ." سوهڻا ٿهري ۽ ڏڪندڙ نظر سان ڪمل طرف نهاريو.

”جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ تون پنهنجو پاڻ ۾ گم ڇو ٿي رهين؟ تنهنجي گم-سم رهڻ سبب منهنجا ويچار ڪڏهن نه ختم ٿيڻ واري گهيري ۾ گهمندا رهن ٿا. مان هر وقت ائين محسوس ڪيان ٿو ته اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪجهه آهي پر اُن ڪجهه کي نالو نٿو ڏئي سگهان." ڪمل جي نظر هڪ دفعو سوهڻا مٿان پيئي ۽ پوءِ پٽڪڻ لڳي. پريان نظر ايندڙ سرڪٽ هائوس جي کليل دريءَ ۾ ڪائي ڌنڌلي شڪل نظر آئي پر ڪجهه وقت لاءِ.

هجي. ٻاڻ سنڀاليندي وساميل آواز ۾ چيائين- "گھري سوچ ڏک جو باعث بڻجي ٿي."

ڪمل کـــي لڳو تہ سوڀنا جا چيل اکر ڪيس آر پار چيري ويا هئا. ڪجھہ وقت هو خاموش ٿي ويو. اوچتو سندس دماغ جي ڪنھن ڪنڊ ۾ پيل ڏبيو ۽ هن چيو- "اهو جيڪڏهن تون محسوس ڪرين تہ ڪيترو نہ سٺو. سوڀنا، تون ماءُ بڻجڻ واري آهين. توکي پنھنجيءَ صحت جو خيال رکڻ گهرجي، پر تـون آهين جو بيپرواهہ بڻجي نہ ڄاڻ ڪھڙين گھرائين ۾ ڪوهي رهين ٿي. ذرا پنھنجي سرير کي تہ ڏس!"

اوچتو ڪمل جـــي اندر ۾ ڪوئي تجلو پيدا ٿيو ۽ اُها رات، شاديءَ کان ڪجھہ ٿي ڏينھن پوءِ واري رات، جڏهن سوڀنا کيس راجوءَ سان پنھنجي پيار بابت ٻڌائڻ چاهيو هو، جڻ تہ هڪ دفعو سرچ-لائيٽ جي روشنيءَ ۾ چمڪي اُٿـي. هن ڳالھہ جـــي ڪٽيل سلسلي کـــي جاري رکيو.

"ياد اٿيئي جڏهن تـــو راجوءَ سان پنھنجـــي پيار بابت ٻڌائڻ چاهيو هو. مون پوري ڳالھہ ٻڌڻ کـان اڳم ئي چيو هو تہ تنھنجي گذريل جيون لاءِ مون کي ڪاهہ شڪايت ڪين آهـي. چاڪاڻ تہ اهو اتورو آهـــي ۽ اتوريءَ شيءِ کي ڪاهہ معنيٰ ڪين آهي. اتورا سپنا اِنسان جي زندگيءَ روپي ساگر ۾ خوشيءَ جي لھر ڪڏهن بہ ڪين آڻي سگھندا. اُن ڏينھن سوچيو هوم تہ اُنھيءَ

”ائين تہ مونکي تنهنجي لاءِ ڪا بہ شڪايت ڪين آهي. تون پنهنجيءَ جا سڀئي فرض پورا ڪري رهي آهين. پر اهي فرض پورا ڪرڻ وقت تون پنهنجيءَ آتما کي اونداهن ڪمرن ۾ بند رکين ٿي.“

سويتا پنهنجي، گهري سوچ ۾ ٻڏل اکين جي ڀرپور نگاهہ ڪمل مٿان وڌي پر ڪڇيو ڪي ڪين. ڪمل ڪيسي ۾ سگريٽ ڳولهيندي چيو-

”مون هر وقت ائين پئي محسوس ڪيو آهي تہ تون روشنيءَ هوندي بہ اُن روشنيءَ جي پار ڦهليل انڌيري کي ڏسين ٿي. منهنجيءَ پيار ڀري پڪار کي نہ ٻڌي هوا جي سنسناهٽ کي ٻڌين ٿي. پوءِ اُن کي بہ نٿي ٻڌين. پوءِ ٻڌين ٿي پنهنجي خاموشيءَ جي آواز کي.“

هو هاڻي باغيچي وٽ پهچي ويا هئا. باغيچي جي ٻاهران، ڪجهہ موٽرون ۽ رڪشائون بيٺيون هيون. رستي جي ٻئي ڪناري تي، بجليءَ جي ٿنڀي کان ٿورو پري، سائيڪل اسٽينڊ جي ويجهو، ڪمڇي وارا بيٺا هئا. اتي پنجن-ستن ٻارن جو ميڙ هو. رستو پار ڪري لوهہ جو گول گهمندڙ دروازو لنگهي هو باغيچي اندر داخل ٿيا. باغيچي ۾ ڪي اِڪڙ-ٻِڪڙ ماڻهو هئا.

ٿڌل آواز ۾ سويتا چيو- ”تنهنجي پيار جي پڪار هر وقت منهنجي دل جي سڀني ڪنڊن گونجندي

هو اڃا به چاڙهي چڙهي رهيا هئا. جيتوڻيڪ سونيتا جي ڇپري واري ليمپ ٻرڻ شروع ڪيو هو ته به نيري بارڊر واري سفيد ريشمي ساڙهيءَ ۾ هوءَ روشنيءَ جو منارو ٿي لڳي. ايندڙ - ويندڙ نگاهون ازخود هن طرف ٿي ڊوڙيون. هوءَ چپ-چاپ هلي رهي هئي، ڇپري تي ماڻهن جي نگاهن جا ڇهاءُ محسوس ڪندي. باغيچو ويجهو اچي ويو هو. باغيچي جي ريلنگ ۽ باغيچي اندر رکيل ڪجهه بينچون صاف-صاف نظر اچي رهيون هيون.

سونيتا خاموشي ٽوڙي -

”تون جنهن ”ڪجهه“ کي نالو نٿو ڏئي سگهين مان اُن ”ڪجهه“ جو نالو نٿي وٺي سگهان، چاهيندي به. ڇاڪاڻ ته منهنجا ويچار اڌورا آهن، انگريزي اکر اڌورا آهن. مڃان ٿي ته وشواس هڪ اهڙي ڀاونا آهي جنهن کي ڪنهن جي مٿان زبردستيءَ نٿو مڙهي سگهجي. پر ڪمل مون کولي ڇوڙڻ جي ڪافي ڀيرا ڪوشش ڪئي آهي مگر هر ڀيري هار کاڌي اٿم.“ هوءَ چپ ٿي وئي. وري چپن تي برف جهڙي ٿڌي مرڪ آڻي ڪنهن وڏي ڳالهه کي جاري رکيائين- ”تون سمجهين ٿو ته مونکي اڄڻ واري پيار جو خيال ڪين آهي؟ تمام گهڻو آهي پر اُن کان وڌيڪ پنهنجو. منهنجيءَ سوچ جي اڱڻ ڇپري تي تون ئي آهين.“

ڪمل پنهنجي دل جي ڇوڏاري باهه جون لهرون محسوس ڪيون. هو پاڻ تي قابو رکندي چيائين -

خون هوندو، جي ٻاري ۾ سوچيندو آهيان ته من خالي-
خالي ٿي ويندو ائين. اسان جو مرندڙ پيار اُن مکڙيءَ کي
آخر اُڏڻ ڏيندو ڪيئن؟" ڪمل جو گهرو آواز وڌيڪ
گهرو ٿي ويو.

آخر سوپنا اُٿي ۽ پلنگ طرف وڌي، پنهي منٿين ۾
پلنگ کي پڪڙي هن دور آسمان طرف نهاريو. هن کي
هلڪن بادلن جي اوٽ ۾ هڪ حسين جوڙو نظر آيو.
پريتما پنهنجي پريتم جي آغوش ۾ هئي، سندس اکيون
بند هيون. هوءَ انوکو سک ماڻي رهي هئي. ڪن لاءِ سوپنا
آسمان ۾ اُڏامڻ لڳي پوءِ هيٺ لهي آئي. حسين جوڙو
غم ٿي ويو. سامهون بادل هئا ۽ هئا اُنهن جا روپ. هن
پنهنجون اکيون ڪمل طرف ورائيندي اُداس آواز ۾
چيو- "ڪمل، مان ٿڪندي ٿي وڃان، ڀڄندي ٿي
وڃان. جيئن گهڻو سوچيان ٿي تيئن منهنجي دماغ جو
انڌيرو گهرو ٿيندو وڃي ٿو."

ڪمل ٽڪ- ٽڪ سوپنا طرف نهارڻ لڳو. هن کي
لڳو ته سامهون بيٺل سوپنا جون وڏيون- وڏيون اکيون
ڦهلجي ڪجهه وڌيڪ وڏيون ٿي ويون هيون.

"آخر تون سوچين ڇا ٿي؟" ڪمل جي آواز مان
ائين پئي لڳو ڄڻ هو پنهنجو پاڻ کان گهڻو دور هليو
ويو هو.

سوپنا ڪمل جي پرسان ويهندي چيو-

"ڪاش اُن رات توکي پنهنجي گذريل جيون بابت

رهي آهي. منهنجي آتما توکي نئي پيار ڪيو آهي. پر منهنجيءَ آتما تي گناهه جي ڇايا پيل آهي. اُن جو پيار ڪلنڪت آهي. اِنڪري تون اُن کي سوڪار نه ڪري سگهيو آهين."

قوهاري جي تورو پريان، پلنگ جي پرسان وڪيل سيمينٽ جي ايڊيٽي هو بئي اچي ويٺا. سمند ۽ آس-پاس ڪوهه ڪين هو هاڻ باقي قوهاري جي بئي پاسي وڪيل ۽ بينچن تي ٻه جوڙا ويٺا هئا. ڪيسي وارو سگريٽ وات ۾ وجهي اُن کي لائيٽر سان جلائيندي-جلائيندي ڪمل روڪجي ويو. ڇپن ۾ لڳل سگريٽ ۽ آڱرين ۾ جهلي ڇپائين- "تنهنجي گناهه کي مان اڳ ئي معاف ڪري چڪو آهيان. تنهنجو پيار ڪلنڪت آهي اهو مون ڪڏهن به محسوس ڪين ڪيو آهي. مان صرف چوان ٿو ته تون پنهنجيءَ آتما کي اونداهن ڪمرن ۾ بند نه ڪر. ڪيس اجايو-سجايو نه مار. آتما کي مارڻ آتم هتيا ڪان به وڌيڪ آهي." هن آڱرين ۾ جهليل سگريٽ وات ۾ وجهي دکايو ۽ اُن مان لمبو ڪش ڪيو. ڪجهه وقت لاءِ ٻنهي جي وچ ۾ دونهين جو پردو اچي ويو. ڪمل سگريٽ مان نڪرندڙ دونهين طرف نهاريندي گهري آواز ۾ ڳالهائڻ جو سلسلو جاري رکيو-

"ذرا سوچ ته جڏهن اسين ٻارڙئي انڌيري ۾ ڀٽڪندا رهنداسين ته ٻئي کي روشني ڪيئن ڏيکاري سگهنداسين مان جڏهن اڇوٽ واري مهمان، جيڪو اسانجو پنهنجو

ـائين کين سمجهي سگهيو آهيان. جيڪا پنهنجيءَ
آتما جي ٻن ٽڪرن ۾ ورهايل هئڻ جي ڳالهه ڇيڙ سا
هاڻي سمجهه ۾ اچي رهي آهي. ڇو ته مان ڪڏهن ڪڏهن
وقت اِئين محسوس ڪندو رهيو آهيان ته ڄڻ منهنجو ڪجهه
آهي جو منهنجي ٻاهران وڃهو آهي. اهو ڪجهه منهنجي
پنهنجي وانگر آهي ۽ اڻپورو آهي."

سوڀتا جون اکيون وسامي ويون هيون. هن پنهنجون
وساميل اکيون ڪمل طرف کيون. نه ڄاڻان ڇو هوءَ
هاڻي ڪمل جي لاءِ ڪجهه محسوس ڪري پنهنجي
اندر ۾ رچڻ لڳي هئي. هاڻي ڪمل ڪيس وشواس ۽
وشواس ڪان مٿي اُتيل نظر اچي رهيو هو.

"ڪمل..." سوڀتا گم ٿيل آواز ۾ چيو.

"اچا ! ٻڌائڻ ٺيڪ نه سمجهين ته نه ٻڌاءِ. وڌيڪ
زور نه ڀريندس. ڪڏهن به نه."

"هاڻي ٻڌائي سگهنديس."

ڪمل جي من ۾ آيو ته اچڻ واري گهڙيءَ لاءِ ٿي
هو مرندو ۽ جيئرو ٿيندو آيو آهي.

تڏهن اُچڻ ته ڌنڌ جي پار کان سوڀتا جو آواز آيو-

"پهرياڻين ته مان خود بيخبر هيس. اُن رات ـ
جڏهن مون توکي پنهنجي گذريل جيون جي باري ۾
ٻڌائڻ چاهيو هو. پوءِ شڪ پيم. آخر شڪ پڪ ۾ بدلجي
ويو. سوچيم پنهنجو دک توکي ڏيئي مڪتي پايان پر
دماغ جي غلط دليلن مونکي روڪيو. توکي وڃائي ويهڻ
جو ڀپ پئي ٿيم."

سڀ ڪجهه ٻڌائي سگهان ها! پر جيڪر اهڙي پيڙا
محسوس نه ڪيان ها. پوءِ شايد زبان تي نه اچي سگهڻ
واري ڳالهه اچي سگهي ها. تو منهنجي گذريل جيون ۾
ڪائي دلچسپي نه ڏيکاري. منهنجي مهانتا جو ثبوت
ڏنو ۽ مون به سمجهيو ته دک کان مڪتي ملي وئي پر
اِئين ڪونه ٿيو. هڪ ٻئي دک جو جنم ٿيو. شايد هڪ
دک جو مرڻ ئي ٻئي دک جو جنم آهي. اُن دک سبب
مون محسوس ڪيو آهي ته منهنجيءَ آتما جا ٻه ٽڪر
ٿي پيا آهن. هڪ منهنجي اندر ۾ آهي ۽ ٻيو منهنجي
چوڌاري ڦيرا پائيندو رهي ٿو. اهي ٻئي ٽڪر هڪ ٻئي
سان ملي هڪ ٿيڻ لاءِ سسڪندا رهيا آهن، روئندا رهيا
آهن پر دماغ جي غلط دليلن سبب ائين ڪري نه
سگهيا آهن."

"اهو ته اڌورو جواب آهي."

"منهنجا وچار ئي اڌورا آهن."

اوچتو ڦوهاري جي ٻئي پاسي رکيل بينچ تي ڪل
جو ڦوهارو ڇٽو. جوڙو کلي رهيو هو. سونهنا کي لڳو ته
اها کل سندن مثل زندگيءَ جي مذاق اڏائي رهي
هئي. اُن کل ۾ نه ڄاڻان ڇا هو جو سونهنا پڻ ڪي
اپراڌ محسوس ڪيو. ڪمل ڪجهه وقت سونهنا جي چهري
تي اڀرندڙ ۽ غائب ٿي ويندڙ ليڪن ۾ گم ٿي ويو، پوءِ
نئل آواز ۾ چيائين -

"پر مان ته پورو ڄاڻڻ چاهيان ٿو. اهو سڀ ڪجهه
جو منهنجي دک جو باعث ٿيو آهي. جنهن کي مان اح

● بند آوازن جي وچ ۾

ٻڌي، منهنجي چيتنا جــي هڪ ـ هڪ لهه لڏي ويئي هئي. مون کي بيحد ڏک هو انيتا جي اُن بيڪار جيون لاءِ جڪو ڏينهون ڏينهـن وسامندو پئي ويـو. مون انيتا جي جيون جي هڪ ـ هڪ گهڙيءَ کي نئون مطلب ڏيڻ پئي چاهيو پر من جي ڳالهه اڻ ـ چيل هئي، اکل، ٻين سڀني ڳالهين کـان الڳ، نٽل! ... جڏهن هن جــون اُداس، آليون اکيون ڏٺــم ته اهـا ڳالهه ٻاهر اچي ئي ويئي.

"هڪ ڳالهه پڇانءِ؟"

"پڇ." انيتا چيو هو. هن جو چهرو نرڀاو هو.

"مون سان شادي ڪندينءَ ..."

مونکي چڱيءَ طرح ياد آهـي، اُن ڏينهن اسان شهر جي شور ـ غل کــان پري، ڪافي پري، هڪ مندر وٽ هڪ نم جي وڻ هيٺان، سيمينٽ جي ٿلهي تــي ويٺا هئاسين. سامهون ڏامر جي رستي جو اُجڙيل ڦهلاءُ هو جنهن کي، اسان ڪجهه وقت اڳ پار ڪري آيا هئاسين. هوءَ منهنجي پرسان ويٺي هئي. مونسان لڳـي. منهنجي

"موکي وڃائــي ويهڻ جـو ڊپ!" ڪمل عجب
مان پڇيو.

"توکي ضرور عجب لڳندو ڄاڻڻ ته تون ھن دنيا
جو نه، ڪنھن ٻيءَ دنيا جو آھين، انھن سيني ڳالھين
کــان مٿي، وڏو، ٻوڙ ۽ مهان. مون پاڻ کــي ھر وقت
تنھنجي اڳيان ننڍو محسوس ڪيو آھي."

ڪمل خاموش نظرن سان سوڀتا طرف نهاريندو رهيو.
روئڻھارڪي آواز ۾ سوڀتا چيو، "توکي اڄــڻ واري
ٻار جو ڏاڍو خيال آهــي نه ...... اوھ! تــون ٻوڙ ڇو
آھين! ايترو مهان ڇـو آهين!! منهنجو ٻاپ مون کــي
ڌڪارڻ لڳي ٿو.

هاڻي ڪمل جــي نهار ٻٽريلي ۽ عجب ڏاڍر ٿي
وئي پر ھو اڃا به خاموش رهيو.

"ڪمل مون ڏانھن ائين نه نهار. مان توکان ڪيئن
لڪايان. لڪائي ٿي نٿي سگهان ته اچڻ واري ٻار ٿي
منهنجي پيار کي ڪلنڪت بڻايو آھي. منهنجيءَ آتما
کي اونداهن ڪمرن ۾ بند ڪيو آھـي. منهنجي پيٽ
وارو ٻار تنھنجو نه پر راجوءَ جو آھـي. اھو ٻار ٿي اسان
جي وچ جي ديوار آھي..." ھڪ ڏيل سڏڪي سوڀتا
جي آواز کي ٽوڙي ڇڏيو.

ڪمل کي لڳو ته سڄو آڪاش اچـي سندس مٿان
ڪريو ھو ۽ ھو ڌرتيءَ ۽ آڪاش جــي وچ ۾ چيپاٽجي
رهيو ھو. ●

(ڪونج جولاءِ ١٩٦٦)

سامهون چڱي-ناڪي واري ڇوراهي تان، ڪنهن مهل ڪائي ٽرڪ ته ڪنهن مهل ڪائي بس لنگهي ٿي وڃي.

”هو مندر آهي نه؟“ هلندي-هلندي انيتا سامهون آڱر کڻندي پڇيو هو.

”ها.“ مون جواب ڏنو هو. انيتا کي پرڀرو نگاهن سان ماپيو هوم: ٻگهو سهڻو چهرو، ڪن ۾ وڏا-وڏا والا، لپسٽڪ لڳل ٻاڙها چپ، تکا نقش، صراحيدار ڳچي، نارنگي ڪوسي جـي ساڙهي- ٻنگ سان ٻڌل، ڪلهي ۾ لٽڪيل وئنٽي ٻيگ، پڌرل ٻانهون، ٻـانهن ۾ پلاسٽڪ جو سفيد ڪنگڻ، ڪرائـيءَ ۾ گول ڊائـل واري واچ ۽ بس ...

”اڇا اڳتي هلندينءَ؟“ مون پڇيو.

”ها.“ هـن چيو. ”هن مندر تائين.“ هن پنهنجي منهن ۾ ڪرنڊڙ وارن جي ڇڳ کي پويان ڪري ڇڏيو.

”ذرا ويهون.“ مون چيو ۽ بنا جواب جـي انتظار ڪرڻ جي پل واريءَ ننڍڙيءَ ٻل تي ويهي رهيس.

هوءَ پل پر لاءِ ڪجهه سوچيندي ڏامر جـي ڪاري رستي کي دور تائين ڏسندي رهي، پوءِ آڪاش ڏانهن نهاري چيائين، ”ڪئنواس جيان کليـل آڪاش هيٺان سنسان رستن تـي ڀٽڪندو رهڻ ڪيترو نه سٺو ٿـو لڳي ...!“ هن ڪلهي واري وئنٽي ٻيگ کي لاهيو ۽ پوءِ منهنجي پرسان ويهي رهي. هن جـي ويهڻ سان مٽي ڀڪڻ وارو ساڙهيءَ جو حصو ٿورو کسڪي ويو.

نظر مندر جي آس-پاس ڀٽڪڻ لڳي هئي ... اسان ٻنهي جي وچ ۾ خاموشي هئي، ريگستان جيان ٿڪليل، اداس، ڳوري، ڏکي، پرائي، نراڪار ...

مندر ڏانهن هلڻ جي خواهش انيتا ئي ڏيکاري هئي. جيتوڻيڪ مان ٿڪل هوس ته به انڪار ڪونه ڪري سگهيو هوس. ٿڪڻ اُس جي باوجود به اسان سڄو ڏينهن ڀٽڪندا رهيا هئاسين. ٻپهرائين مارننگ-شو ڏٺو هو، ريسٽورينٽ ۾ ويهي ڪجهه کاڌو هو ۽ پوءِ اسڪوٽر تي چڙهي انباجهري باغيچي ۾ هليا ويا هئاسين. اُتي تلاءَ جي ڪناري، ٿڌي-ٿڌي، سائي-سائي گاهه تي ويهي، پاڻيءَ ۾ اُڏندڙ پمهڊجن پاڇن کي ڏسندا رهيا هئاسين. وڻن جي جهڳٽن مان ايندڙ پکين جي آوازن کي ٻڌندا رهيا هئاسين. اُن ڪانپوءِ اُن پاسي وارن سنسان رستن تي هلندا رهيا هئاسين. بنا مقصد جي ... انهن ئي شام اچي ويئي هئي. اها شام گذريل ٻن-ٽن شامن کان ڪجهه الڳ هئي. گهري-گهري ۽ اداس. ڏامر جو ڪارو رستو سنسان لڳو پيو هو ... رستي جي هڪ پاسي اڪيلا وڻ بيٺا هئا جن جي هيٺان انڌيرو آهستي - آهستي سميٽجڻ لڳو هو. پر آڪاش ۾ اڃا روشني هئي. رستي جي ٻئي ڪناري تي بجليءَ جا ٿنڀا هئا. ٿورو پرڀرو ننڍيڙي بستي هئي جنهن جي گهرن مان اُٿندڙ هلڪو-هلڪو دونهون صاف ڏسڻ ۾ ٿي آيو ... ۽ اُن دونهين جي پار نظر اچي رهي هئي مندر جي چوٽي، چمڪندڙ.

"ٿورو وڌيڪ نه سهين."

"نه، اٿ."

مان وڌيڪ ڇا ٿي چئي سگهيس؟ سگريٽ دکائي اُن مان لنبو ڪش ڪيم. اسان هلڻ لڳاسين.

انيتا ۽ منهنجي واقفيت پراڻي هئي. هوءَ منهنجي دوست راجيش جي ڀيڻ هئي. مان ڪيس مئٽرڪ جي پڙهائيءَ ٽائين وقت- بہ- وقت مدد ڪندو رهيو هوس... تڏهن مان ڪيس "اني" چئي سڏيندو هوس (اهو مان راجيش کي ڏسي چوڻ لڳو هوس.) منهنجو اُن نالي سان پڪارڻ هن کي ڏاڍو وڻندو هو. هن جي چهري تي ٽهليون چمڪي اُٿنديون هيون. اسانجو سٻنڌ هن جي پڙهائيءَ ڪانپوءِ بہ جيئن جو تيئن اٽيو رهيو. هن جي پڙهائي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ راجيش چاهيو هو تہ انيتا مون سان شادي ڪري. هن اُن باري ۾ انيتا سان ڳالهايو بہ هو (مونکي اِنڪار ڪونہ هو.) تڏهن انيتا ٻڌايو هو تہ هوءَ سنيل کي چاهي ٿي. سنيل هن جي ساهيڙيءَ جو ڀاءُ هو. راجيش سندس رستي ۾ ڪين آيو ۽ نہ وري مون تـي برو مڃيو. انيتا سنيل وٽ هلي وئي ... ۽ مان نوڪريءَ جي سلسلي ۾ ناگپور هليو آيس. اسان ٻئي هڪ ٻئي کي چٺي لکندا رهياسين... پر... ٻن-ٽن سالن ڪانپوءِ ٿي هوءَ پتيءَ کان الڳ رهڻ لڳي هئي. اُن باري ۾ هن مون کي لکيو بہ هو. مون ڪارڻ پڇيو

مونکي لڳو انهن ۾ ايترا ۽ اوچائين لاءِ موهه هو! زندگيءَ تان ڀڄڻ جي وڃڻ کانپوءِ ۽ ...! ۽ شايد اهوئي سبب هو جو هوءَ هتي ڪنهن جي سهاري اڪيلو جيون گذاري رهي هئي، ...

مون ڳالهه جي ڪڙي ڪي هلائي ڇڏيو ۽ چيو- ”مندر ڏسي ڇا ڪندينءَ؟“

”پراڻا ڪنديس...“ هوءَ اٿي ڪري آئي ۽ خالي نظرن سان هيڏانهن-هوڏانهن نهارڻ لڳي.

”پاڻي، اهو سڀ ڪيئن شروع ڪري ڇڏيئه؟“ ماحول جي سختيءَ کي ٽوڙڻ لاءِ مون ڪلندي چيو. پوءِ ٻئي هٿن جي آڱرين کي پنهنجو سڄو بار وجهي ڇڏيو.

”خبر ناهي ڪيئن شروع ٿي ويو.“ هن مختصر جواب ڏنو. ماحول جي سختي جيئن جو تيئن رهي.

”۽ ... ۽ تون پنهنجو آتما آهين؟“ مان کيسي ۾ سگريٽ ڳولهڻ لڳس.

”پنهنجو آتما!!“

منهنجي وچار ۾ پراڻا پنهنجو آتمائون ٿي ڪنديون آهن.“ مون چيو هو.

ماحول ۾ هن جو زوردار ٽهڪ گونجي اٿيو هو منهنجا اکر نه ڄاڻان ڪيڏانهن گم ٿي ويا هئا.

”تون بلڪل ڪونه بدليو آهين ... چڱو هاڻي اٿ نه.“

”ها...“ مون سگريٽ جي رک ڇنڊيندي چيو.

”مان ته تنهنجي اکين ۾ پڙهندڙ آتما آهيان...“ هن اڌوري، ٿڪل مرڪ، چپن تي آندي.

”ته... ته تون ڪنهن منزل تي وسڻ لاءِ پرارٿنا ڪندينءَ؟“

مون هن ڏانهن نهاريو. هن جون اکيون ڪجهه ننڍيون، گهنجيل لڳي رهيون هيون. اوچتو هن اکيون پل پر لاءِ بند ڪري ڇڏيون. گويا ڪائي پرين جي چيز پڪڙڻ جي ڪوشش ڪري رهي هجي. رستي تي هلندي - هلندي، هن جون اکيون بند ڪرڻ مونکي ڪجهه عجيب لڳو هو...

”ها، ڪنهن منزل تي وسڻ لاءِ ئي پرارٿنا ڪنديس.“ ڪٿان پرڀان اُفق ونان هن جو آواز آيو هو. اُن آواز کي ٻڌڻ کانپوءِ من خالي-خالي ٿيڻ لڳو هو. اُن کانپوءِ ڪافي وقت لاءِ هوءَ چپ رهي هئي. بي-آواز.

... انيتا ڪيترن آوازن کي بند رکيو آهي! اُنهن بند آوازن جي وچ ۾ ڪهڙي زندگي آهي...!؟ مان چئني پاسن کان ڪوهيڙي ۾ لپيٽجي ويو هوس.

اسان چپ-چاپ هلي رهيا هئاسين. ”انباجهري“ گهڻو پوئتي ڇڏجي ويو هو. دور چاڙهيءَ تي اُن جو آڪار تمام ننڍو نظر اچي رهيو هو. مان ائين ئي هيڏانهن-هوڏانهن نهاري رهيو هوس. شام جو آڪاش طرف نهاريم

هو ۽ اُن سان گڏ سمجهاڻي به ڏني هئي. هوءَ اُن چنيءَ کي ئي پئي واڻي هئي. سلسلو ڪافي ڏينهن تائين ٽٽل رهيو. نيٺ هڪ ڏينهن سندس چٺي آئي جنهن ۾ منهنجي چٺيءَ جي باري ۾ ڪجهه به ڪين هو. صرف ايترو لکيل هو ته هن هڪ اسڪول ۾ نوڪري ڪئي هئي ۽ پڇيو هئائين ته جيڪڏهن گرمين ۾ منهنجو ڪاڏي وڃڻ جو پروگرام نه هجي (گرمين ۾ مان گهڻو ڪري ڪنهن پهاڙ تي هليو ويندو آهيان.) ته هوءَ هلي اچي. ڇاڪاڻ ته کيس وڪيشن ملندي. مون کيس اچڻ لاءِ لکيو. هوءَ آئي هئي ۽ ... پر ... مان محسوس ڪري رهيو هوس ته هيءَ ڪا ٻي انيتا هئي. پهرين "انيتا" هن "انيتا" ۾ ڪٿي گم ٿي وئي هئي. وقت جي دوريءَ هن کي ڪجهه ٻيو ٺاهي ڇڏيو هو. پهرين انيتا بس ڳالهائيندي ئي رهندي هئي. ننڍيءَ-ننڍيءَ ڳالهه تي ٽهڪ ڏيڻ لڳندي هئي. هيءَ انيتا هر وقت اُداس-اُداس، پنهنجو پاڻ ۾ سميٽيل هئي. اکيون وساميل- وساميل، چهري تي ويراني ڇانيل، ملڻ وقت هوءَ ڪنهن خاص اوچائيءَ سان ٿي ملي. گهمڻ، ڦرڻ، پيئڻ سڀ ڪجهه ڄڻ ته اُن مان پٽي ڪيائين...

مون آفيس مان موڪل ورتي هئي. ٻن- چئن ڏينهن تائين اسان ائين ئي گهمي رهيا هئاسين.

"تون پرارٿنا ۾ وشواس ڪين رکندو آهين؟" اوچتو انيتا طرفان سوال آيو.

فيمسنگ ڏنل هئي. انيتا پنهنجي سئنڊل مٿان چڙهيل مٽيءَ جي تهه کي ڏسندي هلڻ لڳي هئي. اسان جي وچ وارو مفاصلو ڪجهه وڌي ويو هو. مون هن جي ويجهو ايندي سندس من کي ڪونڌ جي اٿندي ڪوشش ڪئي.

”انيتا، جيون مان نراس ٿيڻ نه گهرجي.“

”ڪهڙي جيون جي ڳالهه ڪري رهيو آهين ڪمل ... هڪ جيون نه مون سنيل سان گڏ به گذاريو آهي... هڪ جيون اُن ڪانپوءِ به! ڪوڙ! مهان ڪوڙ!!“

”مهان ڪوڙ!“

”ته پوءِ ڇا ... !؟“

”انيتا، تون نراشا آهين ... دکي آهين.“

”اهو ڪيئن!؟“

”تنهنجي آتما چوي ٿي.“

”تون منهنجي آتما ڏسي سگهين ٿو!“

”ها.“ مون چيو، ”اها تنهنجي اکين ۾ آهي.“

هن جو من جڻ ته وسامي ويو هو ۽ اکيون عجب ۾ ڦهلجي ويون هيون. مون برنڊڙ سگريٽ طرف نهاريو. اهو ڪافي ننڍو ٿي چڪو هو.

”سچ! ... ۽ تنهنجي آتما ڇا ٿي چوي...؟“

مان چپ.

”ڏسان.“ هن منهنجي ويجهو اچي منهنجي اکين ۾

ته مٽيءَ سان ڀريل لڳو. ايڪڙ-ٻيڪڙ بادل ترندي رهيا هئا. پکين جا ڪيترا ئي ٽولا پنهنجي آکيرن ڏانهن وڃي رهيا هئا. ڪنهن پکيءَ جو ڪڏهن آسمان کان زمين طرف اچڻ لڳو. تنهن ٻئين ڪناري کان انيتا جو آواز آيو--

"ڪڏهن- ڪڏهن سوچيندي آهيان، ڏينهن رڙهندا- رڙهندا هليا ويندا ... آخري ڏينهن اچي مٿان پوندو... ۽ جيون جي پياس اڌوري ئي رهجي ويندي."

"انيييني!!" هنجو پراڻو نالو منهنجيءَ زبان تي اچي ويو.

انيتا جا چيل اکر منهنجي ڪنن ۾ گونجڻ لڳا هئا. لڳي پيو منهنجي چئني پاسن کان لائوڊاسپيڪر لڳل هئا ۽ مائيڪ تي هر گهڙيءَ اهي اکر دهرايا پئي ويا- ڪيترو نه درد هو انهن اکرن ۾! ڪيتري لاچاري!! پر ... ته ۽ اندرين گهرائين ۾ جيون کي سمورو پاڻ ۾ پورڻ جي تمنا...!؟ مجبور تمنا... ڇنڊا سبب منهنجي دماغ جون سيٽون نسون سيٽجي، ويون هيون. مون کي الائي ڪيئن محسوس ٿيڻ لڳو هو.

اسان ٻنهي جي حدن ۾ اچي ويا هئاسين. جنهن جي گهرن مان انڌڙ دونهون اسان کي ڪجهه وقت اڳ نظر آيو هو. کاٻي پاسي کان، کيٽن جو ڦهليل لمبو سلسلو- شروع ٿي ويو. پاهران لوه جي ڪانٽيدار تارن جي

ڪجهه ڏينهن لاءِ آئي آهي. هلي ويندي... اچيتن-من ۾ ڪٿي ڪجهه ٻيو ته ڪونه آهي...؟ نه ڄاڻان ڪيئن زبان مان نڪري ويو- "مان...مان اُن کي ڇا سمجهان؟" مون سگريٽ مان آخري ڪش ڪيو ۽ سگريٽ ڦٽو ڪيو.

"مون توکي ڪڏهن پرائو ڪين سمجهيو آهي." هن چيو هو.

"نه ٻيو... تو منهنجي چٺيءَ جو جواب ڇونه ڏنو هو؟"

"جواب ڪين ڏنو هو؟ ڪهڙي چٺي؟"

"هاڻي اهو به ياد ڏيارڻو پوندو!" هن ٽوڙيندڙ ماحول کي ڍلو ڪرڻ لاءِ مون کلندي چيو.

"اُها ... اُها چٺي!"

مون سوچيو هوءَ ڪجهه چوندي اِلاءِ رستو ڏسندو رهيس. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ منهن ورائــي پنهنجون ٻئي ٻانهون ٻوٽي ڪندي چيم- "ٻڌاءِ نه؟"

"تڏهن ... تنهنجو پاڻ کان پرائي ٿــي وئي هيس." اليتا جــي آواز ۾ ڇپيل اکرن جي معنيٰ ڪيس لمبو ساهه کڻڻ لاءِ مجبور ڪيو.

"۽ هاڻي ...؟"

"لڳي ٿــو جيڪو دفعا ٿـي چڪي، آهيان اهو ڪوئي ٻاهر ڪڍڻو پوندو."

مان ڇا جواب ڏيئي ٿي سگهيس؟ چپ رهيس.

نهاريو. وري نظر ڦيرائي مٺل آواز ۾ چيائين. ”نون مڪتي آهين...“ هن هڪ زوردار ٺهڪ ڏنو. پر اُن ٺهڪ ۾ به هوءَ پنهنجي من جي پيڙا کي لڪائي نه سگهي. اکر منهنجي چيتنا جي سيني لهن کي ڇهندا هليا ويا. من شونيه ۾ گم ٿي ويو. منهنجي خاموشي پنهنجو پاڻ ۾ گهري ٿي وئي ... چپ پئي، ڪنن ۾ ڏنو چيل اکرن جي گونج ۽ اکين اڳيان اچي ويل پردي تي انيتا جي اکين جو ڪلوز-اپ!

”ڪاش، سڀ ڪوئي، تو وانگر زندگيءَ کي سولي روپ ۾ ڪٽي سگهي ها...“ ڪجهه دير کانپوءِ انيتا جڻ نه پنهنجي اندر ۾ ڪجهه ٽوڙيندي چيو هو.

”حالتن سان ناهه ڪرڻ ئي ٺيڪ آهي. اُنهن کي انين ئي چڪيندو وڃڻ سان دک وڌي ٿو.“ مون چيو، ”سڀئي ڳالهه نه اها آهي نه مان تنهنجي اسٿتي ٺيڪ-ٺيڪ سمجهي ئي ڪونه سگهيو آهيان.“

هوءَ ڪجهه وقت لاءِ چپ رهي. ڪرائيءَ ۾ پتل واچ جي چانيءَ کي گهمائيندي رهي. پوءِ چيائين - ”مان اهو سڀ دفنائي چڪي آهيان...“

منهنجي من ۾ چڙچڙاهٽ جو ڀاءُ اُڀريو. وري اهو ئي اوچائيءَ تان ڳالهائڻ! نه ٻڌائڻ چاهي ٿي ته نه ٻڌائي! آخر مان ڇو هن ۾ ايتري دلچسپي وٺي رهيو آهيان!؟ ڇو اجايو دماغي - ٽينشن خريد ڪيو آهي مون؟ هوءَ

سنيل ٻنھي جي ملاقات وقت تمام گھڻو اچڻ-وڃڻ لڳو... ٿيا ۽ ڪجھ اھڙا آثار هئا جن سبب من ۾ اوشواس جو جنم ٿيو. مون اُن کي "زنانو-شڪ" سمجھي من کان پري ڪرڻ چاهيو پر ائين ڪري نہ سگھيس. شڪ ڏينھون-ڏينھن وڌندو ويو ۽ هڪ ڏينھن مونکي پڪ ٿي وئي تہ هنن ٻنھي ۾ ڪجھ... ٿوري-ٿوري مونکي رائي رتي خبر پئجي وئي. سنيل جي لاءِ منھنجي چنتا جا ٻل گھرا ٿيڻ لڳا. دماغ ۾ دونھون پرجڻ لڳو. من جون اُلجھنون وڌنديون رهيون... آخر مون سنيل کي سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو اُن معاملي ۾ ڪجھ ٻڌڻ لاءِ تيار ڪين هو. ٻنھي خواهش لاءِ لڪڙي ڪيل فيصلي جو نتيجو منھنجي سامھون اچي ويو. دل جو شيش محل ٽڪر-ٽڪر ٿي ويو. پيار زندگيءَ جو پاڻاتو ٿڻجي ويو... مان ٻنھي گھر ۾ ئي اجنبي ٿڻجي ويس. مان بلڪل اڪيلي هيس، جدا الڳ، ڪٽيل، ٻاهرين ۽ اندرين ٻنھي دنيائن کان...

۽ هڪ ڏينھن..." هن جملو پورو ڪين ڪيو. هوءَ چپ ٿي وئي. مون ڏٺو هن جي چھن جي ڪنڊن تي اُداسيءَ جا نشان اُڀري آيا هئا.

"هڪ ڏينھن ٿو پيو تہ هوءَ ماءُ ٿڻجڻ واري آهي..."

ڪجھ دير ڪانپوءِ هن وساميل آواز ۾ چيو.

"پوءِ؟"

"منھنجي چنتا ۾ اهو سڀ ڇپيل ويو. من ۾ ڪوڙاڻ

مندر اچي ويو هو. اتي گهري خاموشي هئي. سامهون
واري حصي ۾ هڪ پاسي گلاب جا گل هئا ۽ ٻئي
پاسي نم جا وڻ. وڻن جي ٽارين تي شام جي سج جا
گلابي پاچا پئجي رهيا هئا. وڻن جي هيٺان سيمينٽ
جو ٺهيل ٿلهو هو. اسان ٿلهي تي ويهي رهياسين. پوءِ
هوءَ گلاب جا گل پٽڻ لڳي هئي. ٻئي منٽ پوءِ مندر
۾ هلي وئي. ٿوري دير ڪانپوءِ واپس آئي ۽ منهنجي
پرسان ويهي رهي. هن ڏانهن نهاري مونکي لڳو ته هوءَ
هڪ نئين جهان تي، ڪنهن ٻي ۾ لهي وئي هئي..
اوچتو هوا جي پنن کي لڏ سج سامهون اچڻ لڳو. هوءَ
ڳالهائڻ لڳي هڪ نئين آواز ۾-

"سهيل ۾ استري لوپ هو. شادي کانپوءِ پتو پيو
۾ مون سان هن جو ورتاءُ نيڪ هو. اِنڪري مون
سمجهيو ته مون کي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ هن جو استري
لوپ مري ويو آهي... ائين شايد مون پنهنجي روپ جي
ڪري سوچيو هو...

"... هڪ ڏينهن هن جي وڏوا پڦات جي، چئي
آئي ته جنهور ۾ هوءَ اڪيلي ٿي پيئي آهي. دڪ سڪ
۾ سندس سنڀال لهڻ وارو اُتي ڪوبه ڪين آهي..
اِنڪري هن اسانجي شهر ۾ اچي رهڻ جي خواهش
ظاهر ڪئي هئي، اسان هن کي گهرائي ورتو. مسوا
تي ننڍڙو گهر وٺي ڏنو. وقت بوقت پئسي ڏوڪڙ جي
۽ مدد ڪرڻ لڳاسين.

"هڪ ڳالهه ٻڌاءِ..."

"ٻڌ." انيتا چيو هو. هن جو چهرو نرڀاو هو.

"مون سان شادي ڪندين؟..."

"شادي!" هوءَ ڪجهه وقت لاءِ وساميل اکين سان مون کي گهورڻ لڳي. گويا چيل اکر واپس وٺڻ جو موقعو ڏئي رهي هجي. اوچتو هن جو نراس ٽهڪ فضا ۾ گونجي اٿيو.

"انيتا!..."

"تون برو نه مڃجانءِ. شادي ڪندس ئي نه اهو نه ٿي چئي سگهان. استري آهيان، آخر ڪيستائين ڀٽڪندي رهندس... پر مون هن وقت تائين ان باري ۾ ڪوئي فيصلو ڪونه ڪيو آهي."

مان چپ.

پوءِ هن روئندڙ آواز ۾ چيو هو- "مونکي معاف ڪج... ٻيو دفعو تنهنجي پيار کي ٺڪرائي رهي آهيان. سوچڪار ڪيان ٿي، ڪيئن؟ پنهنجو پاڻ کي تنهنجي لائق جو نٿي سمجهان." هن جون اکيون ڀرجي آيون هيون. هن پنهنجو منهن منهنجي ڪلهي تي رکي ڇڏيو. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ هوءَ مون کان الڳ ٿي وئي هئي. منهنجيون اکيون ٻڪ-ٽڪ هن کي ڏسنديون رهيون هيون...

(ڪونج اپريل ١٩٦٩)

پڙجي ويئي. پنهنجي پٽو اڃرو سڀ نه سهي سگهيو" هن
اهي اکر ڪجهه اهڙي نوع ۾ چيا ڄڻ ته هوءَ مون سان نه
ڳالهائي پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي رهي هجي. هوءَ ڪجهه
وقت لاءِ شانت ٿي ويئي.

ٿوري دير اڳ، واري منهنجي چڙچڙاهٽ جو هاڻي
نالو-نشان به ڪونه هو. انيتا جو دک چڻ ته منهنجو دک
ٿي ويو هو. هن جي لاءِ همدردي مون اندران نڪري-
نڪري پئي آئي. مان پنهنجو پاڻ ۾ ئي هوس ته پٺئين
ڪناري کان هن جو آواز آيو- "مان زندگيءَ جي چوراهي
تي بيٺي هيس. مون-شونيه! دماغ شونيه! ڇا ٿي ڪري
سگهيس...؟ سيدي پاسي کان نراشا هئي... نراشا ۽
نراشا! رستا گم ٿي ويا هئا. آخر مان خود ئي هٽي ويس.
سنيل کي روڪيو. شايد هن اهو ئي پئي چاهيو ... ۽
اسان پنهنجين-پنهنجين حدن ۾ ٻڌجي وياسين."

... بند آوازن جي وچ واري هنجي زندگي منهنجي
اڳيان اُگهاڙي هئي. لڳو مون محسوس ڪيو هو ته
منهنجي چيتنا جي هڪ-هڪ ٽڪر لڏي وئي هئي.
ڏاڍو ڏک ٿيو هوم. پڇيم- "ته هاڻي ڇا سوچيو اٿيئي؟"
"ڪجهه به نه ... ڪجهه سوچي ئي نٿي سگهان."
هن جو آواز ڳورو، اکيون آليون ٿي ويون هيون ... ۽
اهي ئي اُداس، آليون اکيون هيون جن ڪي ڏسي
منهنجي اندرئين مون جي، اڻ-چيل، اڪل، الڳ، نئل
ڳالهه ٻاهر اچي ويئي هئي.

• آس - پاس

... سٽي ٻس وڃڻ لڳي ٿي. هو (عمر چوٽيهه سال.) مڄهيل ٽن سالن، ٻس کي ويندو ڏسندو رهي ٿو. هن جي اکين ۾ هڪ احساس گهرو ٿي وڃي ٿو جو آهستي-آهستي اکين جي سيما پار ڪري، هن جي وڪري، سانوري، سخت چهري تي ڦهلجڻ لڳي ٿو. احساس!... شايد پوئتي ڇڏجي وڃڻ جو احساس! هو گم-سم ٻڌهجي خشڪ چپن تي زبان ڦيرائڻ لڳي ٿو. هن جو موڊ الائي ڪيئن ٿي وڃي ٿو! ...

اڄ-ڪالهه هن جو موڊ ٺوريءَ - ٺوريءَ ڳالهه تي خراب ٿيڻ لڳو آهي. هن جي شخصيت ۾ ڪجهه عجيب ٻرجڻ لڳو آهي! ڪنهن ڪم سان وڃڻو آهي، ڪا معمولي رڪاوٽ اچي وئي، موڊ خراب! ٻڪڙ ڏسڻ وڃڻو آهي، ٽڪيٽ ڪونه ملي، موڊ خراب! هن ڏينهن ۾ هن جي من کي ڪابه اسٿتي برداشت ڪانه ٿئي ٿي! ڪجهه اداسيءَ ۽ نراشا جهڙو هر وقت هن جي چيتنا جي چوڌاري چڪر ڪاٽيندو رهي ٿو ...

مسٽر ڪپور (هن جي آفيس ۾ اسسٽنٽ-سيڪٽر-آفيسر.) جي بدلي ٻمبئيءَ ٿي آهي. اڄ ڪيس آفيس ۾

”منهنجي مت ماري ويئي آهي ڇا؟ توکي گهڻا ڀيرا چيو اٿم ته شيلوءَ کي ڪجهه به نه چوندو ڪر! هڪ ته ويچاريءَ جي مٿان سڄي گهر جو بار ٻيو وري منهنجون ڏيون دڙڪا!“

”ڀر مان ڇيو مانس ڇا؟ اهوئي نه ته آئيس کان سڄو گهر اچي. رڳو ساڻس مڙڻ ـ جهڙڻ بند ڪري ڇڏي. هو سڄو ڇوڪرو ڪين آهي!“

”ٻيو ڇا چوندس ها؟ اڇا تلوار هڻندس ها ڇا؟ راجوءَ (گوپالداس جو وڏو پٽ) کي چڙ ـ چڙاءَ ڪري نيٺ گهر ڇڏائڻ ها ٿي وري هن جي پنيان اچي پيو آهين! منهنجي هر ڳالهه ۾ ٽپي پوڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي؟ تون چپ ڪري ويهي مانيءَ ٽڪر کاءِ.“ شيلوءَ ماءُ منهنجيءَ ڳالهه کي اڳتي ڪندي چيو.

”شيلوءَ ماءُ راجوءَ جي تباهي منهنجي سر آندي! منهنجي ڏنل ڇڙواڳيءَ سبب هو خراب سنگ ۾ وڃي ڦاٿو ۽ گهران ڀڄي هليو ويو. مان چوان ٿو ته جيڪڏهن شيلوءَ کي ڪنٽرول ۾ نه رکيو ويو ته هيءَ (شيلو) به ڪجهه غلط ٿي ڪندي ...“ گوپالداس ڏاڍي دکي آواز ۾ چيو.

”مان گهر جي دشمن آهيان ڇا؟ مونکي کٿي ٽڪرا ـ ٽڪرا چونه تو ڪري ڇڏين ته جلد ئي ڇٽي پوان ؟“ شيلوءَ ماءُ جو آواز وڌيڪ سخت ٿي ويو.

ٽيٽر - وڏي پارٽي آهي. شام جو ساڍي ستين بجي.

اُن پارٽيءَ ۾ هنڪي نه ضرور وڃڻو آهي.

... آفيس جي ڪاٿپوءِ هو سڌو گهر آيو. هن سوچيو

ته گهر ۾ ٿورو آرام ڪري پوءِ پارٽيءَ ۾ ويندس. پنهنجيءَ

رهڻ واري ٿي وڏي هڪ ڪمري واري گهر جي خالي

دنيا ۾ هو آرام ڪرسيءَ تي ليٽي، سامهون دريءَ کان

ليٽو پائيندڙ نم جي وڻ ڏانهن نهاريندو رهيو، اُن مان

ڇڻندڙ پن ڏسندو رهيو. پيلا ٿي ويل پن - سڪل - سڪل...

پوءِ نظر ڦيرائي هئي - هتي جاري سان پريل ڏواٺاڻيل

ڇت کي ڏسندو رهيو. خاموش اڇن ديوارن کي

گهوريندو رهيو ۽ سوچيندو رهيو پنهنجي وڌندڙ عمر

ڏڪرن ۾ ورهايل زندگيءَ ۾ ڇٽي پاسي وارن پڙهيلن

استين بنسبت ... اوچتو پاسي واري گهر جا سڄال

لڳا آواز ڪمري واري گهري خاموشيءَ جو وجود مٽائي،

هن جي سوچ جي سيمائن ۾ زبردستيءَ ڪاهي آيا...

مسٽر گوپالداس (رٽائرڊ اسٽيشن ماسٽر) جي گهر ۾

وري مها پارٽي چالو ٿي وئي هو!

شيلوءَ ماءُ (گوپالداس جي پتني) گوپالداس کي

گهٽ - وڌ ڳالهائي رهي هئي... جڏهن پتيءَ گهر کي

سکي رکڻ لاءِ، نندي - وڏي جي هر خواهش پوري ڪرڻ

لاءِ، پاڻ کي ڏاهي ڪمبهر بڻائي ڇڏيو هو، اُن کي پتني

زهر پيل ليبر هٽي رهي هئي.

۾ آئيو. هو ڪجهہ وقت نہ الائـــي ڪٿي- اهڙي وڏو ٻر پوءِ پنهنجي آواره خيالن تـي قابو پائي هن ڪرسيءَ ۾ پٽل راچ ڏانهن نهاريو.

... هن ڏٺو تہ وڃڻ جـو وقت چڱو اڳتي وڌي آيو هو. هو ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ ٻاهر وڃڻ کان اڳ هن هڪ ڪوپ ڪاريءَ چانهہ (Black-Tea) جـو پيئڻ چاهيو. هن اسٽوو ٻاري، چانهہ جي ڪيٽليءَ ۾ پاڻي وجهي، اُن ۾ ٿوري کنڊ ملائي، ڪيٽلي اسٽوو تي رکي. اسٽوو جي سنسناهٽ ۾ پاڻي جلڻ جو آواز گم ٿـــي ويو. چانهہ جو پاڻي تيار ٿيڻ ۾ ٿورو وقت هو. اُن وچ ۾ هن ڪپڙا بدلايا- پارٽيءَ ۾ وڃڻ لاءِ.

... پارٽيءَ ۾ وڃڻ جي هنجي مرضي بلڪل ڪين هئي. پر ڪم جي جوابداريءَ کيس مجبور ڪيو هو. هو پارٽيءَ جي جوابداري کڻڻ لاءِ تيار ٿي ڪونہ. هو پر مسٽر جوشيءَ، هن جي سيڪشن-هيڊ، جنهن ڪري هن جو سنبنڌ هڪ دوست جهڙو آهي، هنجي هڪ نہ ٻڌي.

چانهہ جو پاڻي تيار ٿيڻ تي، هن چانهہ جي پيڪيٽ مان ٿوري چانهہ جي پتي ڪڍي، گرم ٽيل پاڻيءَ ۾ وڌي ۽ ٿوريءَ دير ڪانپوءِ اسٽوو وسائي چانهہ جـــي ڪيٽلي هيٺ لاٿي. گرم-گرم چانهہ جو ڪوپ پي، ڪمري جـــو دروازو بند ڪري، ڪلف لڳائي، هـوُ بس- اسٽاپ تي آيو- بس لاءِ.

اڄ وڏي قطار هئي.

پنهنجي ماءُ - پيءُ کي وڙهندو ڏسي گهر جي
ننڍڙن - ننڍڙن ٻارن هيسجي روئڻ شروع ڪيو.

... هن کي خبر هئي ته شيلو منهن سڃاڻي چپ-چاپ
سڀ ٻڌندي هوندي ۽ پنهنجي گهر ۾ پراڻو گوپالداس
ڏريل من سان سوچڻ لڳو هوندو ته آخر هندس کان
غلطي ڪٿي ٿي هئي؟ ڪهڙي ٿي هئي؟ پر هو ڪجهه به
سوچي سمجهي نه سگهندو. بس هميشه جيان ٻرف جو هڪ
ٻير ٽڪي، شڪست سان گونگو ٺاهه ڪري، اخبار کڻي
ڪنهن ڪنڊ ۾ وڃي ويهندو...

شيلو ۽ ماءُ ٺامرت. وڙڪا ڪندي- ڪندي ڪنهن نه
ڪنهن ٻار کي مار ڪڍي پنهنجي ٻاهه ماريندي. ٽڏهن
ويچارو گوپالداس هٿ واري اخبار رکي، اُن مار کاڌل
ٻار کي کڻي پنهنجي قسمت کي ڏوهه ڏيندو ٻاهر
هليو ويندو...

اڇن وارن سان ڀريل مٿي، وسامئيل اکين ۽ اندر ٻيل
ڳلن واري گوپالداس جا اکثر چيل اکر هن کي ياد
اچي ويا. "سڀ ٺيڪ-ٺاڪ هلي رهيو آهي. ايشور
سک جي دال روٽي ڏئي پيو."

هي ۽ به ڪا زندگي آهي؟ سمجهه ۾ نٿو اچي ته
ماڻهو جيئن ڪيئن ٿا!؟ هن جي زبان مان نڪتل اکر
ڪمري جي اداس ديوارن سان ٽڪرائجي چور- چور
ٿي ويا... سوال جو هڪ زوردار طوفان هن جي دماغ

وڃي ٿي. اُنهن ملاقاتن ۾ هن کي ائين لڳو هو ته هن‌جي پريتما هاڻي هن جي ۽ پنهنجي وچ ۾ هڪ لڪشمڻ-ريکا ڪڍڻ شروع ڪئي آهي! هوءَ هن جو اچڻ، ايترو پسند نٿي ڪري! جتي هن جي ضرورت ڪونه آهي اُتي هو ڪڏهن ڪين ويندو.

... سهيل هن جو ٻچپن جو دوست آهي. دوستيءَ جو دم ڀريندڙ ڏنوان دوست. ۽ جڏهن کان هن، پنهنجيءَ ڀيڻ جي شادي هجڻ ڪري، پئسن جي ڏاڍي ضرورت، جي باري ۾ کيس ٻڌايو آهي ته هو (سهيل) هن کان پاسو ڪرڻ لڳو آهي!... هن جو ”ڪوئي نه“ ٿيڻ لڳو آهي! هن هاڻي فيصلو ڪيو آهي ته هو پئسا ڪٿان نه هٿ ڪندو ۽ سهيل کان مُور نه گهرندو ... هن گهر چٺي لکي ڇڏي آهي ته هو جلد-نه-جلد بندوبست ڪري ويندو. اڄ هن‌جي دل سهيل وٽ وڃڻ لاءِ تمام گهڻو چوي ٿي ۽ هن جو اهم هن کي هميشه جيان روڪي ٿو...

هو خيالن جي چڪروهه ۾ ڦاٿل، ڏاڍي گرمي محسوس ڪرڻ لڳي ٿو. هن کي لڳي ٿو ته هن جي بدن وارا ڪپڙا اوچتو سوڙها ٿي ويا آهن... هو ڪلهن کي ذرا اڳتي پوئتي ڪري، رومال سان منهن اگهي، پنهنجي بي-آرام وجود کي کڻي، ائين ئي بنا مقصد جي، سامهون واري پڪي رستي تي هلڻ لڳي ٿو!

... هو سگريٽ دکائي گهرا. گهرا ڪش ڪيندو رهيو، موڙ ڪاٺي مٿي وهندڙ دونهين کي ڏسندو رهيو ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ رستي ڏي دور تائين نظر وجهي، بس جو انتظار ڪندو رهيو ... ڪافي وقت.

آخر بس آئي پر هن کي جڳهه ئي ڪين ملي!

هاڻي؟ "نه ڪوئي اسڪوٽر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ نه وري رڪشا!" پنهنجي پويان قطار ۾ رهجي ويل ماڻهن ڏي ڏسندي، هن جي نظر چارئي پاسا ڦري اچي ٿي.

"بي بس ٽائيم تي پهچائيندي ڪونه!"

هو ڪجهه به نه سوچي سگهڻ واري، ڇيندڙ اسٿتيءَ ۾ پهتو رهي ٿو. آخر ڪو ٻيو وسيلو نه ڏسي پتل من سان پارڻيءَ ۾ وڃڻ جو خيال لاهي، سامهون ڏسڻ لڳي ٿو. بيحد گرميءَ سبب گهٽيل، ميرانجهڙيءَ شام ۾ رستي جو اهو ئي چهرو-ڪارو مٽيءَ جي هلڪي تهه سان لٽيل، موٽرن، اسڪوٽرن ۽ ماڻهن جي پيرن هيٺان چيپاڻيل. پهرياڻين سڌو ئي - سڌو پوءِ چڱو اڳتي هلي ڏنگو - ڦڏو.

هاڻي؟ هاڻي؟ هڪ ٻئي نٿين سوال جون نوڪون هن جي مٿي ۾ چڀڻ لڳن ٿيون.

... هو هن وقت گهر واپس وڃڻ نه، بلڪل نٿو چاهي. نه ڪيڏانهن وڃي؟

هو پنهنجي پرانتما رت وڃڻ لاءِ سوچي ٿو. پر هن کي ڏڏرائل پنجن-ستن ملاقاتن جي، جلدئي ياد اچي

ٿو، ٻه جيل جون اوچيون-اوچيون ديوارون آهن جي هر وقت هن جي آس-پاس ٿي ڦرنديون رهن ٿيون! هن کي ٻڌڻ جي بيوقوفيءَ تي هميشه جيان چڙ اچي ٿي. هن کي خبر آهي ته آفيس جون اهي بيڪار ڳالهيون هن جي سوچ جي دائري ۾ وري هلي اينديون. ته به هو هن وقت دماغ کي جهٽڪو ڏئي انهن ڳالهين کي پري ڪري ڇڏي ٿو...

”ٻين ... ٻين!“ تيز هارن وڄڻ لڳي ٿو ته هن کي پتو پوي ٿو ته هو وچ رستي تان هلي رهيو آهي. هو هڪدم پاسي تي ٿي وڃي ٿو. گهري سائي رنگ واري اسٽينڊرڊ ڪار هن جي پرسان لنگهي وڃي ٿي. هو ان جي بئڪ-لائيٽس کي ڏسندو ٿي رهجي وڃي ٿو. ڪجهه وقت. پوءِ هيڏانهن-هوڏانهن نهاري وري اڳتي هلڻ لڳي ٿو.

گرم شام گهرائي رات ڏانهن قدم وڌائڻ شروع ڪيو آهي. سڀني پاسن کان رنگيني ڊڪون پائي اچڻ لڳي آهي. آمدرفت جي درياءَ جي رفتار تيز ٿيڻ لڳي آهي. روڊ-لائيٽس آن ٿي چڪيون آهن. سائين-بورڊن ۽ شيشي جي شو-ڪيسن چمڪڻ شروع ڪيو آهي.

...هن جي نظر ٿورو پري ليمپ-پوسٽ پرسان بيٺل، هڪ سندر، گول-سڊول چهري واريءَ نوجوان ڇوڪريءَ تي پوي ٿي.

ليمپ-پوسٽ هيٺان تاج-محل!

آفيس ۾ پارٽيءَ بابت، مسٽر جوشيءَ سان ٿيل گفتگ
ٻوڙي هن جي دماغ ۾ هلي اچي ٿي.

”ڇو؟ پارٽيءَ ۾ ڇونه ايندين؟“

”مونکي ڪم آهي.“ هن پاڻ ڇڏائڻ جي
ڪندي چيو.

”نٽائڻ تنهنجي پراڻي عادت آهي. لوڪي ڪهڙي
۽ حالت ۾ اچڻو نه پوندو. مان تنهنجي هڪ
ٻڌندس.“ مسٽر جوشيءَ اڏڪار ڀريل آواز ۾ چيو.

”ـــ“

هن کي چپ ڏسي ڪجهه دير کانپوءِ مسٽر جوشي
هن جو ڪلهو ٺڪڪائيندي چيو - ”هاڻي ٻڌ، پارٽي
جي سڄي بندوبست جي جوابداري اسان ٻنهي مٿا
آهي. مان انجام ڪري وٺو آهيان. ضرور اچج.“

”مان پڪ نٿو ڏئي سگهان. اچڻ جي ڪوشش
ضرور ڪندس.“

”اچا ڪوشش ڪندين؟“

”چڱو - مان - ايندس.“ هن آهستي چيو. انهن پڻي
لڳو ته هن جا اکر ڪٿان ڏور کان آيا هئا. هو وڃ
پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ فائيلن ۾ الجهي ويو.

هو ڇا ڪري رهيو آهي؟ سوچي رهيو آهي. آفيس
جي ڳالهين بابت! روزاني زندگيءَ جي ڪئنسر بابت
جيل بابت! ؟ ... هو ان جيل کان ڇوٽڪارو پائڻ چاهي

دور - دور تائين ڦهليل آڪاش ڏسڻ ۾ اچي ٿو - دکي آڪاش. آڪاش جي ڪارن بادلن واري تصوير ڏسي هن کي لڳي ٿو. هن اوڏانهن اجايو نهاريو. آسي هڪ پاسي ڪان ٻئي پاسي وهندڙ سرمائي بادل هجن ها ته ڪيئن وري به سٺو لڳي ها!

اُن ڇوڪريءَ جي نازن گلن جهڙي، خوشبوءِ پکيڙيندڙ مسڪراهٽ، گول-سڊول چهري ۽ تراشيل سرير جو خيال هن کي وري اچي ٿو. ان سان گڏ ذهن تي تري اچي ٿي مس سروج. هو چپن ۾ چوي ٿو - ”س-ر-و-ج.“

هوءَ هن سان گڏ آفيس ۾ ڪم ڪندي آهي - ڊگهو قد، وڻندڙ مهانڊا، کير جهڙي سفيد چمڙي، ڪنن جي سندر مڇڻگ، هلڻ جو موهيندڙ ڍنگ، دور ڪٿي گهنڊ جي آواز جيان گونجندڙ سريلا ٽهڪ...

هوءَ جڏهن هلندي آهي ته لڳندو آهي ته تڪڙ ۾ آهي. هلڻ وقت هن جي ساڙهيءَ جو پلؤ کسڪي-کسڪي ويندو آهي. (يا هوءَ پاڻ ائين ڪندي آهي.) اُن وقت هن جو سرير پنهنجي قابوءَ ۾ ڪونه لڳندو آهي. اهو جڻ ته سڄي هال ۾ وهڻ لڳندو آهي، پهاڙي نديءَ جيان-تيز رفتار سان. هن جي اُن ٻهڪندڙ، روشني پکيڙيندڙ روپ جي ڪري آفيس جي ڪلارڪن سندس نالو رکيو آهي- ”لائيٽ-هائوس!“

... هن اڪثر ڏٺو آهي ته هوءَ جڏهن به اسسٽنٽ-سيڪشن آفيسر مسٽر ڪپور سان ڳالهائيندي آهي ته هن

هوءَ هن ڏانهن نهاري مسڪرائي ٿي. ڇوڪريءَ جا پيلا ڳل ٽڙيل گلاب وانگر ٿي پون ٿا.

(ڇوڪريءَ جي مرڪ ڇا چوي ٿي؟)

هو ڇوڪريءَ جي پرسان لنگهي ٿو ته هوءَ هڪ دفعو وري مسڪرائي ٿي. هلڪو اشارو به ڪري ٿي...!

(هوءَ شادي ڪيل ڪونه لڳي ٿي. هن جي گهر ۾ بيمار ماءُ هوندي ۽ ننڍا ڀائر هوندا. گهر جي ذميواري هن جي مٿان هوندي... جيڪڏهن هو ان ڇوڪريءَ وٽ ويندو ته ڇوڪريءَ کي ڪيئن لڳندو؟ جيئن دڪاندار کي گراهڪ جي اچڻ تي. لڳندو آهي؟ بس؟ ... هوءَ هن کي ٽئڪسيءَ ۾ ويهاري محفوظ جڳهه تي وٺي ويندي. اتي جي سڪندڙ خاموشيءَ جي وچ ۾ هو هوندو ۽ هوءَ هوندي!

... ۽ پوءِ ...؟ ٻنهي جي سريرن جي هڪ ٻئي سان واقفيت ٿيندي ...)

هڪ بي-نام لرزش هن جي سڄي بدن ۾ اچي وڃي ٿي. اهو پنهنجو وجود قائم رکڻ آهي!؟ يا وجود جي هٽيا؟ ڇو سڀ ڪوئي پنهنجي آس-پاس ٻڌاوٽي سنسار ٺاهي جيئي ٿو؟ ڇو سڀني جي زندگين جا چهرا ڪٿي نه ڪٿي هڪ جهڙا آهن؟ ... هن جو من مڙدا گهاٽ تي وڃي ٿو.

هو مٿي نهاري ٿو. بجليءَ جي ننگين تارن جي ڄار

هو چوراهي وٽ ٻهڙي روڪجي وڃي ٿو.

هاڻي؟ ... سائڻي ٿــي سوال جـو ٿڌو لاش! هو بدحواس چئني پاسن ڏانهن نهارڻ لڳي ٿو.

تيز هوا لڳڻ شروع ٿي وڃي ٿــي. آسمان ۾ ٻجلي ڪڙڪاٽ ڪرڻ لڳي ٿي.

”شايد برسات پوندي.“ هو سوچي ٿو.

برسات جون ٻه-چار بوندون هن جي مٿان اچــي پون ٿيون. بوندا-بوندي ٿيڻ لڳي ٿـي. هـو هڪ دفعو آسمان ڏانهـن نهــاري، روڊ-لائيٽس جــي روشنـيءَ ۾ چمڪندڙ بوندن کي ڏسندو، سامهون نظر ايندڙ، ريسٽارينٽ ڏانهن وڌڻ لڳي ٿو ... ●

(سهڻي مئي ١٩٧١)

جي ساڙهيءَ جو پلؤ هيٺ ڪسڪيل هوندو آهي. ڪلهن
جي لاهين ڪان هيٺ، پلائوز اندران نڪري ايندڙ سياس
سرڙ جو اُڀريل حصو مسٽر ڪپور جــي سامهون هوندو
آهي. هن کي چڱيءَ طرح خبر آهي ته مس سروج کي
نوڪري مسٽر ڪپور ئي ونئي ڏني آهي. مسٽر ڪپور
۽ هن (مس سروج) جا سنبنڌ ...

هن کي مس سروج "لائيٽ هائوس" ته پر بيابان
نظر ايندي آهي- بيابان!... مس سروج جو ٿوريءَ-ٿوريءَ
ڳالهه تي، آفيس جي دم گهٽيندڙ ماحول ۾ ٽهڪ ڏيندو
رهڻ هن کي بلڪل بناوٽي لڳندو آهي. مس سروج جي
هر وقت مسڪرائيندڙ چهري ۾ اڪل هڪ ٻيو چهرو
نظر ايندو آهي - ٻيو چهرو - ريفريجريٽر ۾ ڄميل، مجبور،
سست، اُداس ... اُن ۾ ڪيترن ئي ڀاونائن جــون
شڪليون نظر اينديون آهن جن کي هن (مس سروج)
زوريءَ پلائي ڇڏيو آهي ۽ جيڪي انتظار ڪري-ڪري
هاڻي دم ٽوڙڻ لڳيون آهن!

"... اُن لئمپ-پوسٽ جــي پرسان بيٺل ڇوڪريءَ
۽ مس سروج جي زندگيءَ جي اسٽيءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟
... ڪهڙو ... ڪهڙو..."

ڌنڌ جا وڏا-وڏا گولا هن جي دماغ جي ديوارن سان
ٽڪرائڻ لڳن ٿا. هن جي اندر ۾ ڪجهه ٽٽي پوي ٿو
هن جي چهري تي اهي نشان اُڀري اچن ٿا جي اُلٽي
ڪرڻ کان پوءِ هوندا آهن.

● هي پٿريلا سپاٽ چهرا

... گهر جي سيني ڪنڊن ۾ روئڻ جو آواز ٿهائين زور سان گونجي اٿي ٿو ۽ هو (منهنجو دوست راجو) پنهنجو چڪيل-چڪيل، اداس-اداس ۽ گهرڻ اکين وارو چهرو مٿي هٿن ۾ لڪائي ڇڏي ٿو. انيل ۽ ٻيو (راجوءَ جا پٽ) سڏڪا ڀرڻ لڳن ٿا ۽ منهنجي ماءُ جي ارٿيءَ کي ڏسڻ لڳن ٿا. ڪمري ۾ هلچل هڪدم وڌي وڃي ٿي. ڪيترائي آواز - ڪمزور، مضبوط - منهنجي ڪنن سان ٽڪرائڻ لڳن ٿا.

— جلدي ڪريو.

— اڃا دير ڇا جي آهي؟

— مساڻ گهاٽ ڪاٺين جو بندوبست ڪرڻ ڪير ويو آهي؟

— نانڪي، او نانڪي!

— ڪشن تو ڪپڙو وڌس؟

— پٽ روئبو نه آهي، سڀ ايشور جي مرضي، آهي.

— هتان هنڌي ڪاڏي وئي؟

— مونکي آهي.

"مسٽر راجڪمار (راجو) جي پٽيءَ کي ڇا ٿيو
هو؟" ميڙ مان ڪوئي پڇي ٿو.

"ڪئنسر هئس." ڪوئي جواب ڏئي ٿو.

"مسٽر راجڪمار جي عمر ته گهٽ هوندي؟!"

" تنهن کانسواءِ ننڍا ٻار ... ڇ - ڇ - ڇ."

سڀ ڪرتار جي مرضي آهي."

"ڇو نه، ٻي شادي ڪندو!"

"اڄ ٻار ضروري ڪم هو ته ڇا ڪجهي سر سان نه
هلڻو ٿي آهي." اکر هوا ۾ اُڏامندا اچي منهنجي انتر-
آتما سان ٽڪرائجن ٿا. جنهن پاسي کان اهي
اکر اچن ٿا مان اُن پاسي نهارڻ لڳان ٿو. هڪ نوجوان
ڇوڪرو جنهن کي هئنڊلوم جي ڪپڙيءَ جي شرٽ
پاتل آهي ۽ هٿ ۾ نيري رنگ واري پلاسٽڪ جي ٿيلهي
آهي، ٻئي ڇوڪري سان ڳالهائي رهيو آهي.

"ڪالهه آرتوار هو. ڪاش هي سڀ ڪالهه ٿئي
ها! اُن حالت ۾ اڄ سيڙجڻو نه پوي ها!" ٻيو نوجوان
جنهنجون اکيون ڀوري ۽ چهرو نرياو آهي، پهرئين
نوجوان کي چوي ٿو. هو کيسي مان رومال ڪڍي،
پنهنجو منهن اُگهڻ لڳي ٿو.

مان پنهنجي اکيان ڦهليل، اُس ۾ چمڪندڙ وسٽي
جي ويڪري منهن کي ڏسي هٿن پنهي ڏانهن نهاريان
ٿو ۽ پنهنجي آتما تي ڪجهه ڳورو - ڳورو محسوس

— سڀ سامان سنڀالي ڪيئو؟

— ها.

آخر روانگيءَ - سسڪندڙ ڪمرن، اداس دونهانيل ديوارن کي پوئتي ڇڏي، ارٿي هلڻ لڳي ٿي. ماڻهن جو ڪافي وڏو ميڙ گڏ هلڻ لڳي ٿو. منهنجي چئني پاسن کان چهرا - ئي - چهرا اچي وڃن ٿا. پويان وارا سڀ آواز آهستي-آهستي ٻڏڻ لڳن ٿا ۽ سامهون وارا نوان-نوان آواز ترڻ لڳن ٿا...

"رام - رام ستيه هي."

"ست نام ستيه هي."

"ست نام ستيه هي."

"واهگرو ستيه هي."

ڪمري واريءَ گهٽ مان ٻاهر نڪري اچڻ تي ٻاهرائين ڏاڍو سٺو لڳي ٿو. سڙيل واري پگهر مان هوا نڪرائڻ تي ته ٿڌڪار محسوس ٿئي ٿي. پر پگهر سڪي وڃڻ ڪانپوءِ اهائي هوا ڏاڍي گرم لڳي ٿي. سج جي چمڪندڙ تيز روشنيءَ جيان چڀڻ لڳي ٿي.

هي آهي منهنجو شهر...

اڃا سارا ڏهه مس ٿيا هوندا پر ڪيتري نه گرمي آهي! گهرن جون ڇتيون، ليون- پراڻيون ديوارون، رستا ۽ وڻ سڀ جهلسي جلي رهيا آهن. اس جي ڀاهه پئي لڳي ته اڄ آڪاش ڏاڍو ڏکي آهي، سج ڏکي آهي، ڌرتي ڏکي آهي...

سوال - ئي - سوال.
راجوءَ جو ڇا ٿيندو؟
انيل ۽ ٻبوءَ جو ڇا ٿيندو؟
سريتا ڀاڀيءَ جهڙو پيار ڪير ڏيندو؟
پٺ جي وچ ۾ هڪ خاموش اڪيلائپ مونکي ڇوڙاري ويو ٽڙي وڃي ٿي. اُن اڪيلائپ کان ڇوٽڪارو ماڻڻ جي ڪوشش ۾ اڳتي وڌي ارٿيءَ کي ڪلهو ڏيان ٿو.
”لاش ڪافي ڳرو آهي ... منهنجو ڪلهو ٿو سور ڪري. مان جنهن شخص جي جاءِ تي ڪلهو ڏيان ٿو اهو شخص ڌيمي آواز ۾ مونکي ڇوي ٿو ۽ پريشان ٿيڻ لڳي ٿو.
هڪ تيز ڪنڊو منهنجي من ۾ اوچتو چڀي وڃي ٿو. هاڪي ٽريفڪ ۽ رستي جي ٻنهي پاسي وارن واقف اڻواقف گهرن جي ڪجهه دريون ۽ دروازن ۾ اهي مطلب ڀريل، شانت شڪلين ڏانهن ڪو ڌيان نه ڏيندي ارٿي مسلسل گهاٽ ڏانهن وڌندي رهي ٿي. ٿوريءَ دير بعد منهنجي جاءِ تي ٻيو ماڻهو اچي ڪلهو ڏئي ٿو.
هي آهي منهنجو شهر ......
شهر جي مٿان اپريل مهني جو مايوس نيرو آڪاش ڦهليل آهي.
... هن شهر ۾ اڄ هوا گهوگهاٽ ڪندي لڳي رهي آهي. گرم هوا ۽ اُس ۾ رستو تپي رهيو آهي، سست

ڪيان ٿو. مان تيز قدم کڻي اڳتي هلڻ لڳان ٿو ۽ ارٿيءَ جي بلڪل ويجهو اچي وڃان ٿو.

"رام- رام سنگهه هٿ."

"ست نام سنگهه هٿ."

"ست نام سنگهه هٿ."

"واهگرو سنگهه هٿ."

ماٺيل-جهاٺيل آوازن جي قافلي جي رفتار ٿوري تيز ٿيندي وئي ٿي. منهنجي دماغ ۾ ڪيترائي ڪوهيڙا ٿهه-ٿهه ٿي هڪ ٻئي مٿان چڙهندا وڃن ٿا.

... روئندڙ گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ اڪيلو ويٺل، بيحد اداسيءَ ۽ ٿڪاوٽ سبب ٽٽل-ٽٽل راڄو ڪوهيڙي جي ٿهن کي پري ڪري پنهنجو منهن ٻاهر ڪيو ٿو. اهو منهن ماس جو گهٽ ميريءَ ميڻ جو وڌيڪ لڳي ٿو! فلم جو ريل هلڻ شروع ٿي وڃي ٿو.

سريتا ڀاڀيءَ (راڄوءَ جي پتني) جو شرميلي اکين وارو، معصوم، سندر، هميشه مسڪرائيندڙ چهرو، هن جي گلابي چمڙيءَ تي ٺهڪندڙ هلڪي آسماني رنگ واري ساڙهي ۽ ڪن وارا ڪريم ڪلر جا ٽاپس ... ان ڪالهوءَ ڪئنسر سبب ڏينهون-ڏينهن مرجهائيندڙ ۽ مري ويل چهرو! نراش ۽ غمگين راڄو- راڄوءَ جي گرهستيءَ جي هڪ ٻگل قيمتي ۽ هڪ سستي قيمتي واري گاڏي! گاڏيءَ ۾ سوار انيل ۽ ٻٻلو! زندگيءَ جا ڏنگا-ڦڏا رستا! ريل هڪدم ٽٽي پوي ٿو! ...

”سريتا پاپي، راڄوءَ جي ٻنڌي.“ مان ساڳيا اکر وري چوان ٿو.

”اوهه!“ هو ٻاوڻي اُداسي چهري تي آڻي ٿڌو ساهه ڀري ٿو.

”يار ضروري ڪم سان وڃي رهيو آهيان نه ته جيڪر هلان ها!“

مان ڪنهن شونهه ۾ ٻڏي وڃان ٿو. چپ رهان ٿو... ڪجهه چوڻ جي ضرورت محسوس نٿو ڪريان. هو ڪار اسٽارٽ ڪري هليو وڃي ٿو. مان ڪجهه وقت اُتي ئي بيهي ڪار کي تيز رفتار ۾ ويندو ڏسندو رهان ٿو. پنهنجن-پراون ويچارن جو گهرو-گهرو ٽنڊ منهنجي مٿان ڇانئجي وڃي ٿو. منهنجا ويچار ڪڏهن زمين سان ته ڪڏهن آسمان سان ٽڪرائڻ لڳن ٿا.

اڄ جي بيمار سڀيتا! هي مئل ڀاونائون! هي انسانن جي وچ واريون ٿڌيون دوريون! هي ٻاوڻي مشغوليون! ماڻهو ڪيئن نه نقلي چهرا کيسن ۾ وجهي گهمن ٿا! جنهن جهڙي چهري جي ضرورت پيئي، لڳايو ۽ وري لاهي ڇڏيو!!

مونکي هيءَ پوري دنيا هڪدم خالي - خالي لڳڻ لڳي ٿي.

گرم هوا جو هڪ زوردار جهونڪو سُون-سُون ڪندو اچي ٿو. مٽيءَ جو هڪ بادل اُڏامي ٿو. تتل مٽيءَ جا ڪجهه ذرا اکين ۾ اچي پون ٿا. مان اکيون مهٽڻ لڳان

ٿي رهيو آهي. وڻن مان پيلا-پيلا پن ڇڻي قت-ٻاٽ ۽
رستي تي ڪري رهيا آهن. پن هيڏي-هوڏي هوا مقصد
جي ٻڪي ڏاڍو شور ڪري رهيا آهن ......

رستي جي ڪاٻي پاسي، ٿورو پري هڪ کوهه آهي.
اُن تي ٻه عورتون پاڻي ڀري رهيون آهن. هُن هاڻي
پنهنجون نگاهون هن پاسي ورايون آهن. وڃهو اچڻ
تي مان اُنهن ٻن زالن ڇهرن کي پڙهڻ جي ڪرڻان ٿو.
اُنهن ڇهرن تي ڪوهه ڀاو ڪونه آهي. اهي پٿرٻلا سپاٽ
آهن، مان هڪدم اُٿيءَ سان گڏ هلندڙ ماڻهن جي مٿڙ
مٿان نظر وجهان ٿو ۽ اُنهن ڇهرن کي ٻه پڙهڻ جي
ڪرڻان ٿو. مونکي اهي سڀ ڇهرا ٻه ڀاونا هيڻ لڳن ٿا.
پٿرٻلا سپاٽ، اُن کوهه تي پاڻي ڀريندڙ اڻواقف ٻن زالن
ڇهرن وانگر!

چيخندڙ هارن!

مان هارن ٻڌي روڪجي وڃان ٿو.

رميش (راجوءَ ۽ منهنجو دوست) پنهنجي ڪار
منهنجي ڀرسان بيهاري ٿو. هو دريءَ مان منهن ٻاهر
ڪڍي پڇي ٿو:

"ڪير گذاري ويو آهي؟" هن جي شاهوڪاري
ڇهري تي هڪدم نقلي چنتا اچي وڃي ٿي.

"سرٻتا ڀاڀي، راجوءَ جي پتني." مان جواب
ڏيان ٿو.

"ڪير؟!"

جهڙي سفيد ٽوپي، اهڙي ئي بنگالي ڪڙتي ۽ ڪاري ٻُوٽ ۾ مون ڏانهن نهاري مسڪرائي رهيو آهي. هن جي واچ ۾ پان آهي جنهن کي هو آهستي-آهستي چٻاڙي رهيو آهي.

سيٺ شيوڪرام ڪپڙي جو وڏو واپاري آهي. هول-سيل ڪلاٿ مارڪيٽ ۾ هن جو شاهي دڪان آهي. شهر جي سيٺين ۾ هن جو سٺو نالو آهي. منهنجي پيءُ سان هن جو ڪافي پراڻو ۽ سٺو سٻنڌ آهي.

"مسٽر ڪيولرام (منهنجو پيءُ) ڪونه آيو ڇا؟ هو پڇي ٿو.

"دادا (منهنجو پيءُ) هتي ڪونه آهي، آفيس جي ڪم سان ٻاهر ويو آهي." مان چوان ٿو.

"ڪڏهن؟"

"ڪالهه."

"موٽندو ڪڏهن؟"

"بس ٻن-چئن ڏينهن ۾ اچي ويندو."

مان وڌيڪ سوال-جواب کان بچڻ لاءِ ٻئي پاسي نهارڻ لڳان ٿو ۽ اسان چپ-چاپ هلڻ لڳون ٿا. ڊگها-ڊگها پاڇا، گڏ هلندڙ ماڻهن جي قدمن جا آواز، ڇٽيل، سڪل پنن جي چرمراهٽ، هوا جي سُون-سُون ۽ اڏامندڙ مٽي سڀ اڳ جيان ئي اسان سان گڏ هلندا رهن ٿا. ٿورو پري وڻن جو هڪ جهڳٽو نظر اچي رهيو

اُو ۽ آهستي-آهستي هلڻ لڳان ٿو. ٿوريءَ دير بعد مان اکيون کولي ڏسان ٿو - اُتـــي مونکي ڇڏي چڱو اڳتي نڪري ويئي آهي. مان اُن کي پهچڻ لاءِ ٽڪڙا-ٽڪڙا قدم کڻڻ لڳان ٿو.

اسان هاڻي روڊ ڇڏي، ساڄي پاسي مڙي، وڏي سنسان کيت مان هلڻ شروع ڪيون ٿا. کيت جي وچ مان هڪ پيچرو سڌو مسان گهاٽ ڏانهن وڃـي ٿو. اُن پيچري جي ٻنهي پاسن کان ننڍا-ننڍا، پوري رنگ جا ٻوٽا آهن ٿوري-ٿوري دوريءَ تي هٽي-هٽي وڻ به آهن.

”رام-رام ستگر هئه.“

”ستنام ستگر هئه.“

”ستنام ستگر هئه.“

”واهگرو ستگر هئه.“

اوچتو سنسان آڪاش ۾ سرڻ چڪر کائيندي آواز ڪري ٿي.

”ٽ... اين ٽ.. هه.. ڪ!“

مان اکيون مٿي ڪري نهارڻ لڳان ٿو. آڪاش جي وياڪل نيرائي- نيرائي گهرائي ۾ اڏامندي سرڻ واري آواز ڪري ٿي.

”ٽ.. هي... ٿي... ٿن.. ٿن.. گ!“

”هرِش ٺيڪ ته آهين نه؟“

مونکي آواز ڪجهه سڃاتل لڳي ٿو. انڪري مان ڪنڌ ورائـي پوئتي نهاريان ٿو. سيٺ شيوڪرام کير

"منهنجي موهن نگر واري جڳهه ڪنهن ڏني آهي ڇا؟" سيٺ شيوڪرام منهنجي جلد اچڻ ڪري تو ڇڏي.

"ڏني آهي." مان من ماري چوان ٿو ۽ سيٺ شيوڪرام جي چهري ۾ سڌو نهاريان ٿو. وري نگاهه هٽائي ٻاهران نظر ايندڙ مساڻ گهاٽ کي ڏسان ٿو. اُتي اڄ ـي ڪانئي چتا جلي رهي آهي. هوا سبب جيئون ڪافي مٿي اُڏامي رهيون آهن. ان چتا کي ڏسندي ئي سوينا پاڻيءَ جي چتا جو خيال اچي وڃي ٿو... ۽ انسان گڏو-گڏ ڪجهه ٻيو به ياد اچي وڃي ٿو.

مان ٻارڙي سريءَ جي موت تي مساڻ گهاٽ آيو هئس. ان ڏينهن جيڪي ڇوڪرا گڏ هئا اُهي به اڄ جي ڇوڪرن جهڙا ئي هئا- پاونا هيڻا، گسيل، پيڙهيلا ۽ سپات. ان ڏينهن اُنهن ڇوڪرن هڪ-ٻئي کي ڪجهه چيو هو ۽ منهنجي ڪنن کي چتا جي لپٽن جي آس-پاس به ڪنهنجي پٽ جي شاديءَ جو ذڪر ٻڌڻ ۾ آيو هو، ڪنهنجي مٽي-مائٽيءَ بابت ٻڌڻ ۾ آيو هو، ڪنهنجي ڌنڌي بنسبت ٻڌڻ ۾ آيو هو. نه صرف ايترو پر اُنهن سڀني ڳالهين کي ٻاڻ ۾ سمائي ڇڏڻ وارا وڏا-وڏا، گهرا-گهرا ٽهڪ به ٻڌڻ ۾ آيا هئا!

(ڪويٽا)

آهي. اُنهيءَ وڻن جي جهڳٽي جي ڀڄي پاسي، مسڻ-گهاٽ آهي.

"چو چپ-چپ ڇو آهين؟" ڪجهه وقت جي خاموشيءَ کي ٽوڙيندي سيٺ شيوڪرام چيو ٿو.

"اِئين ئي."

"مسٽر ڪيولرام اچي ٿو. ڪيس ختم ٿي مون سان ملي. ڪافي ذهين ڪان مليو ئي ڪونه آهي."

مان خاموش رهان ٿو. ڄاڻي-واڻي ڪجهه ڪونه ٿو ڪڇان. بس اکيون جهڪائي پنهنجن پيرن ڏانهن نهاريندو هلڻ لڳان ٿو. چمپل ۾ منهنجي پيرن مٿان مٽيءَ جو هلڪو تهه چڙهي ويو آهي.

"مان ته اڄ-ڪالهه ڏاڍو مشغول آهيان نه. ته جيڪر مان ئي ملائس ...... هونءَ جيڪا منهنجي موهن نگر واري جڳهه آهي نه، اُن کي ڍهرائي وري ٺهرائي رهيو آهيان. سڄو وقت اُتي ئي لڳي وڃي ٿو." سيٺ شيوڪرام ڏاڍي فخر سان پنهنجي مشغول هئڻ بابت ٻڌائڻ لڳي ٿو.

مان سوچيان ٿو ته- وقت جو هيءُ رڪارڊ وڄڻ آخر بند ڪڏهن ٿيندو!؟

هڪ گهرو انڌيرو، پنهنجون وشال ٻانهون ڦهلائي مون ڏانهن وڌي ٿو. اُن انڌيري جي ٻانهن جي جڪڙ منهنجي نس-نس مٿان مضبوط ٿيندي وڃي ٿي. منهنجو دماغ بالڪل بند ٿي وڃي ٿو.

● منهنجو گهر

اڄ ننڊ ئي نٿي اچـــي. منهنجي ننڊ ڦٽـي پيئي آهي. ورهاڻدي ۾ پيل کٽ تـــي ليٽيي، سوچي-سوچي، اندر جا آواز ٻڌي-ٻڌي ۽ پاسا ڦيرائي - ڦيرائي ڏاڍو پريشان ٿي پيو آهيان.

گهر جون ڪيترين ننڍيون-وڏيون ڳالهيون، جــن جي ڪري اُداسيءَ جا گل منهنجي اندر ۾ ٽڙندا رهيا آهن، شام کـــان منهنجي دماغ ۾ لڳاتار هڪ-ٻئي سان ٽڪرائي رهيون آهن.

مان گهٽ ٽان اُٿي سامهون لڳل لوهہ جــي جاريءَ مان ٻاهر نهاريان ٿو- رات جي دنيا، خاموش هوا، ٿورو پري بيٺل لئمپ-پوسٽ جي اُداس روشنيءَ ۾ نظر ايندڙ گهٽي، ڪچا-پڪا گهر، دور گهٽيءَ جــي هن پار نظر ايندڙ ٽڪل-ٽڪل ننڍآڪڙو آڪاش! مـان قاتل من سان سڌو-ئي سڌو ڏسڻ لڳان ٿو، سوچڻ لڳان ٿو- ”منهنجي گهر جو ڇا ٿيندو“ ...

؟ ؟ ؟ ؟ ؟ ؟

... امان جي سفيد ساڙهيءَ ۽ سندور کـان خالي

اڪيلو نيم بيهوش حالت ۾ پيو هو. (هو پندرهن ورهين ڏينهن کان ڏاڍو بيمار هو. ڊاڪٽرن جي چوڻ موجب هن جو اڌ ڌڙ بلڪل بيڪار ٿي چڪو هو.) مون ڀريل من سان هن جي پير ۾ وهندي ڌيمي آواز ۾ سڏ ڪيو. هن مون کي ڪو جواب ڪونه ڏنو. ٿوريءَ دير کانپوءِ هن عجيب نموني ساهه کڻڻ شروع ڪيو. مان ڊڄي ويس. ڊڪي وڃي ڊاڪٽر کي وٺي آيس. ڊاڪٽر انجيڪشن هڻي، ساڳي دوا ۽ گوريون چالو رکڻ لاءِ چئي، هليو ويو.

اُن ڏينهن امان ٻارن سان گڏ مندر مان موٽي هئي پر گهڻيءَ دير کانپوءِ. هن جي هٿ واريءَ ٿالهيءَ ۾ هميشه جيان پرساد هو. اُن بعد آشا آئي هئي، پڪچر ڏسي. راجو صبح جو ئي ڪنهن دوست سان اسڪوٽر تي الائي ڪاڏي نڪري ويو هو. هن جو ڪو پتو ڪونه هو. منهنجي اندر ۾ الائي ڇا پرجي ويو. گهڻو ڪجهه چوڻ چاهيندي به، آشا ۽ امان کي ڪجهه چئي نه سگهيس.

بابا تمام گهڻا ڏينهن بيمار رهيو. هو چپ-چپ پنهنجي اندر ۾ ٻڏل-ٻڏل رهيو. کٽ تي ليٽي ته فوٽ ڊگهي، اٺ فوٽ ويڪري ڪمري جي ڇت ۽ ميرين پيلين ديوارن ۾ اکيون کپائي الائي ڇا ڏسندو رهيو، سوچيندو رهيو ۽ آخر هڪ ڏينهن ...

بابا جي لمبي بيماريءَ ۽ موت تي ڪافي خرچ ٿي ويو. مالي حالت وڌيڪ ڪمزور ٿي وئي. اڄ به

سينڌ ڏانهن ڌيان ويندي ٿـي بابا جي ياد وڌيڪ ستائيندي آهي ... هن جو بيمار چهرو اکين اڳيان ڦرڻ لڳندو آهي. بابا کي ٽي- بي. هئي. اهو ياد ڪري من ڀرو ٿي ويندو آهي ته آخري ڏينهن ۾ به هن جي شيوا نه ٿـي سگهي. جيستائين هو تندرست رهيو، ڪمائيندو رهيو، گهر وارن جون ضرورتون پوريون ڪندو رهيو، سيندي پالين کي وٽندو رهيو. سڀ هن جي چوڌاري چڪر ڪاٽيندا رهيا، خوشيءَ وچان سڀئي گهر کي مٿي تي کڻندا رهيا. پر جڏهن بيمار ٿـي بسترو پڪڙيائين ته اُهي ئي سڀ ڏاڍن جيان فرضي حال-چال پڇي خاموش ٿـي ويا، پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويا. راجو (منهنجو ننڍو ڀاءُ) ۽ آشا (منهنجي ننڍي ڀيڻ) ته ٺهيو پر امان به!

امان کي هن لوڪ کان وڌيڪ پرلوڪ جـي چنتا وڌي وئي. هوءَ ٿالهيءَ ۾ گـل کڻي گوپال مندر جون ڏاڪڻيون لهندي-چڙهندي رهي، گهنٽ وڄائيندي رهي، پٿر جي ديوتا جي پوڄا ڪندي رهـي ۽ ڪٿا ٻڌندي رهي! ...

اُن ڏينهن واري ڳالهه ته وسرندي ئي ڪونه آهـي. اُن جو هڪ-هڪ ڀاشو جيئن جو تيئـن وقت-به-وقت اڳيان ساهمون بيهندو آهي. مان آفيس مان موٽي اچـي ڏٺـو ته واريءَ جـي ڍير جيان پکڙيل بابا سڀئي گهر ۾

ٻاڻ وٽ هجي نہ اهو سڀ ڪرڻ ٺيڪ آهي پر جي نہ
هجي تہ؟" امان ناراض ٿي ويئي. ڪاوڙ مان چيائين،
"تون منهنجو ٻارڙو ڀڄائڻ چاهين ٿو."
منهنجو من ڇلجي ويو. چيم، "تنهنجي ٻارڙي جي
تہ مون کي خبر ڪونهي پر جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهہ
هلندو رهيو تہ منهنجو ڀي لوڪ ضرور ڀڄندو."
امان جي منهن وارئون سخت ليڪون وڌيڪ سخت
ٿي ويون. هوءَ منهن ڦيرائي ويهي رهي. ٿو ويءِ ڏهر
ڪانپوءِ ٿاڪرن وٽ رکيل مالها کڻي رامرام جپڻ لڳي...
گهر جو ماحول ڳڙرو ڏسي مان خراب من سان ٻاهر
هليو ويس ۽ ڏهر تائين رستن تي اجايو - سجايو
ڀٽڪندو رهيس.
اسان جي وچ مان بابا جي هلي وڃڻ ڪانپوءِ ٻرف
جهڙو ٿڌو اجنبيپڻو اسان سان گڏ رهڻ لڳو آهي. گهر
واريون خاموشيءَ جون ديوارون وڌيڪ اونڇيون ٿي ويون
آهن. انهن ديوارن جي اوٽ ۾ سڀ ڪوئي پنهنجي-
پنهنجي ڪمري ۾ قيد ٿي ويو آهي. ضرورت وقت
ئي هر ڪوئي پنهنجي ڪمري کان ٻاهر نڪرندو آهي
۽ وري واپس هليو ويندو آهي. مون کي هر وقت ائين
لڳندو آهي تہ هڪ ئي گهر ۾ چار الڳ-الڳ گهر آهن،
امان جو گهر، راجوءَ جو گهر، آشا جو گهر ۽ منهنجو گهر!...
پنهنجي سنبنڌن کي ائين دم-بدم مرندو ڏسي،
سڙندو ڏسي، ۽ محسوس ڪري اندر ۾ الائي ڇا ٿيندو

ڪمزور آهي. مٿان ڪافي قرض بيٺو آهي. پر امان
کي اُن جو احساس ئي ڪونهي. ڪيس اجائي شڪايت
آهي ته مون بابا تي آخري خرچ دل کولي ڪونه ڪيو
آهي ... سمجهه ۾ ڪونه ايندو آهي ته امان جو هي
ڪهڙي قسم جو لڳاءُ آهي!؟ بابا بيمار هو ته سندس
پوري شيوا ڪونه ڪيائين. هاڻي هر وقت زبان تي اها
ڳالهه. اٿس ته هن جي آتما ڀٽڪندي هوندي ڇاڪاڻ ته
ٻانڀڻ جي چڱيءَ طرح آءُ-ڀڳت ڪونه ٿي آهي.

اما، الائي ڇو منهنجي تڪليف محسوس ٿي نه
ڪندي آهي! راجو لمبي بيڪاريءَ کانپوءِ اڃا ٻه-چار
مهينا اڳ ئي نوڪريءَ تي چڙهيو آهي. آشا ڪاليج ۾
پڙهي پيئي. سمي (منهنجي ننڍڙي ڀيڻ) ۽ پلاش
(منهنجو ننڍڙو ڀاءُ) ٻار آهن. مان هڪ رواجي ڪلارڪ
هن ڏيءَ مهانگائيءَ ۾ ڪيئن تندو-پڪڙجندو گرهستيءَ
جي گاڏيءَ کي هلائيندو رهيو آهيان، اُن جو ڪيس ڪوا
احساس ڪونه آهي! ...

ڪجهه ڏينهن اڳ مدر مان واپس موٽندي امان اُن-
ڏهن سالن کي پاڻ سان گڏ گهر وٺي آئي. ڪتا،
ڪپڙا، روٽي، ڪڙو، ڏڪڻا وغيره ۾ ڪافي خرچ
ڪري ڇڏيائين.

منهنجي مالي حالت کي ڏسي مونکي اهو سڀ
بلڪل سٺو ڪين لڳو. سالن جي، وڃڻ کانپوءِ امان کي
چيم - "هي سڀ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي

آهي. پنهنجو جيون ساٿي چونڊڻ جو ڪيس ٻورو حق
آهي. امان ٻنڌ-ٻنڌ هئي، خاموش هئي. گويا ان ڳالهه
سان سندس ڪو واسطو ڪونه هو. گهر جو وڏو هوندي
به پنهنجي اڌڪارن جون سيمائون ايترون ننڍيون
ڏسي مان اندر ۾ ٻهي پيس. اکين ۾ ڪوهيڙو ڇانئجي
ويو. من ۾ اهو ڪجهه پرجي ويو جو پريال-پريال دنيا
ڇڏي اوچتو بيابان ۾ ٻهڪي وڃڻ سان پرجي ويندو آهي.
ان مشڪل اسٿتيءَ کان بچڻ لاءِ مان پنهنجي ڪمري
۾ هليو آيس ۽ آرام ڪرسيءَ ۾ ٻڏي ويس. مون ٻڌو
راجو وڏي واڪي امان کي چئي رهيو هو ته جيڪڏهن
ڪيس ميئوءَ سان شادي ڪرڻ جي منظوري نه ڏني
ويندي ته هو وڃي سول-مئريج ڪندو، هي گهر هميشه
جي لاءِ ڇڏي ويندو. هنکي ڪنهن جي به پرواهه ڪونهي
هو پنهنجو گهر پاڻ چڱيءَ طرح هلائي سگهي ٿو. امان
تڏهن به چپ هئي. ٿوريءَ دير کانپوءِ رنڌڻي مان اسٽو
جي سنسناهٽ ٻڌڻ ۾ آئي هئي. شام جي چانهه جو
وقت ٿي ويو هو...

... اڄ صبح جو آفيس وڃڻ جي تياري ڪري رهيو
هوس ته آشا اچي چيو - ”پاپو مان هاسٽل ۾ وڃي
رهڻ چاهيان ٿي. هتان ڪاليج ڏاڍو پري آهي. اچڻ-
وڃڻ ۾ ڪافي وقت لڳي وڃي ٿو. پڙهائي بلڪل نٿي
ٿي سگهي. مان ائين خالي ٿي ويس جيئن هوا نڪتل
ڦوڪڻو. چيم - ”هوسٽل جو خرچ برداشت ڪرڻ جي

آهي. جڏهن سمئي ۾ پلاش جا مڪت، مٽر ۽ معصوم
ٿهڪ پٽندو آهيان ته من ڪجهه پٽي نموني ٿيندو آهي.

... راڄوءَ جي پگهار مون کان ڪجهه وڌيڪ آهي.
هو مون کان وڌيڪ ڪمائي ٿو، اهو مونکي وقت به وقت
ياد ڏيارڻ بنهه نٿو وساري. هن جي اهڙڪار جون حدون
ڏينهون ڏينهن ڦهلجنديون وڃن ٿيون. هاڻي هنجي
زندگيءَ جو چهرو بلڪل بدلجي ويو آهي. اڄ ڪالهه
هن جي زندگي بلڪل پڪڙيل-پڪڙيل ٿي وئي آهي. اُن
کي گهر جي سيمائن ۾ سميٽڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي. هن
کي هاڻي ننڍي وڏي جي ساڃهه ئي ڪين رهي آهي. اهو
سڀ ڏسي هر وقت اهو خيال ايندو آهي ته دنيا ڪيئن
ڪرندي وڃي ٿي!؟ تازو اُن ڏينهن راڄوءَ چيو ته هن
جو ميندوءَ سان پيار آهي. هو ميندوءَ سان شادي ڪرڻ
چاهي ٿو. (ميندو ڪنهن وقت ڪلب ۾ هن سان گڏ
پڙهندي هئي) مون کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي
ته هوءَ سٺي ڇوڪري ڪانه آهي. شهر جي ڪلب ڪڙڇ
مان هنجي بدناميءَ جا پڙاڏا پڌرڻ ۾ اچن ٿا. نه صرف
اهو پر مون پنهنجي اکين سان به گهڻو ڪجهه ڏٺو آهي.
ٿورن ڏ هنجي پسنديءَ سان ئي شادي ڪر پر
گهٽ ۾ گهٽ ڇوڪري ته سٺي هجي! پر هن ٿي ان
ڳالهه جو ڪوڙ اثر ڪونه پيو ڇيائين. ”شادي ڪندس
ته ميندوءَ سان.“ آشا به راڄوءَ جي پنيرائي ڪئي، اهو
دليل ڏيندي ته اهو راڄوءَ جي زندگيءَ جو ذاتي معاملو

ڪڇيو ڪي ڪين.

"امان کان پڇي وئي هئينءَ؟"

هوءَ اڃا به چپ رهي.

"۽ ٻيو توسان گڏ ڪير هو؟ جنهن سان گڏ ڊانس ڪري رهي هئينءَ؟"

"ڪشور" هن امام هلڪي آواز ۾ چيو.

"ڪشور! سيٺ دوارڪاداس جو پٽ؟"

"آشا ڪنڌ لوڏي ها ڪئي.

"توکي هن جي ڪرتوتن جي خبر آهي؟"

هن ڪوبه جواب ڪونه ڏنو.

ڪجهه وقت خاموشي هڪ لاش جيان اسان ٻنهي جي وچ ۾ ليٽي رهي. آخر مون اُن کي ٻڌائيندي چيو، "مان لاچار آهيان. تنهنجي ڇڙواڳيءَ ۽ گهر جي مالي حالت کي نظر ۾ رکي مان توکي هوسٽل ۾ رهڻ جي اجازت نٿو ڏئي سگهان."

هوءَ دپٽي جي ڪنڊ کي آڱر تي لپيٽيندي ڪمري مان ٻاهر هلي وئي. مان به تيار ٿي آفيس هليو ويس.

شام جو واپس اچي ڏٺم ته آشا پلنگ ۾ ڪپڙا ٽاهي رهي هئي. امان بسترو ٻڌي رهي هئي. مون امان کان پڇيو، "ڪير ٻاهر وڃي رهيو آهي؟"

امان بسترو ٻڌندي وراڻيو، "سڀاڻي کان آشا هوسٽل ۾ وڃي رهندي."

"آشا شا شا! ... ۾ ..."

طاقت اسان ۾ ڪونهي."

آشا جي ڇهري جو بلب ٻُر ٿي ويو. منهن هيٺ ڪري هوءَ ڪجهه وقت هڪ پير جي آڱوٺي سان فرش تي ليڪا پائيندي رهي. پوءِ هلڪي آواز ۾ چيائين "اهو منهنجي لاءِ بلڪل ضروري آهي. امتحان ويجها آهن."

مون چيو "هيترا امتحان ته تون گهر ۾ پڙهي پاس ڪيا اٿيئي. امتحان ته هڪ بهانو آهي. ائين چوڻ ٿي چوان ته گهر جي بندڻ کان مڪت ٿيڻ چاهيان ٿي. هونءَ به اڄ ڪالهه ريل-ڇيل گهمڻ تي، تنهنجا پير ڪافي هري ويا آهن."

"پر مان ته ڪاڏي به ويندي آهيان ته امان کان پڇي ويندي آهيان." هن چيو.

"ڇا اهو سچ آهي؟"

"ڀائو، تون ڀلي امان کان پڇي ڏس."

"امان کان ڇا پڇي ڏسان!؟ سڀ ڪجهه ڏسندو رهان ٿو، انڌو ته ڪونه آهيان."

" ... "

"ٽيون ڏينهن تون اسٽينڊرڊ هوٽيل ۾ وئي هئينءَ؟"

هوءَ خاموش.

"جواب ڇونه ٿي ڏين؟" مون آواز کي ذرا سخت بڻائيندي چيو.

هڪ ٻڏهو پاڇو هن جي ڇهري تي لڏيو ۽ هن

• تڪليف

ايڏي ڀيڙ هئڻ سبب ڪيترائي ماڻهو بس ۾ بيٺي سفر ڪري رهيا هئا. مان به انهن مان هڪ هئس. اپريل مهينو، منجهند جو ڦهليل ٻپاڻان، سڌا-پاسيرا ويٺل-بيٺل ماڻهو، پسيني سان تر ٿي ويل بدن وارن ڪپڙن جو بوجهه، هٻس، رُڪي-رُڪي درين کان ايندڙ خشڪ، گرم هوا جا زوردار جهونڪا ...

مان ڪجوراهو کان ٻينا اچي رهيو هوس. مون کي ٻينا مان ٻي بس پڪڙڻي هئي. وقت ٿورو هو- لاچار اُن بس ۾ بيٺي سفر ڪرڻو پيو هوم. ڪيترن ڏينهن کان ڪجوراهو ڏسڻ پئي چاهيم پر ڏسي ڪونه سگهيو هوس. آخر اُن ڏينهن منهنجي اها خواهش پوري ٿي هئي. هڪ نئون سرڳ-صبح جو خوش اونهو آسمان، مسڪرائيندڙ نرم سنهري اُس، هلڪي-هلڪي هوا جو جهومندڙ چهرو، شيشي جيان شفاف تلاءُ، چيلهه ۽ مٿي تي گهاگهريون ۽ مٽڪا رکي تلاءَ مان پاڻي ڀريندڙ عورتون، ڪلهن ۾ ڪئميرائون لٽڪائي هتي-هتي نظر ايندڙ ديسي-پرديسي ٽورسٽ، ساوا-ساوا، ڊگها-ڊگها وڻ، هوا سبب وڻن ۾

”پر چاچا، پڻ- تن مهڻن جي نه ڳالهه آهي، گذري ويندا. ڀلي ويچاري وڃي دل لڳائي پڙهائي ڪري. راڄوءَ جي به اهائي مرضي آهي.“

”ته ڇٻو ته هن گهر ۾ راڄوءَ جي مرضي منهنجي مرضيءَ کان وڌيڪ اهميت رکي ٿي. ڇاڪاڻ ته هو هاڻي مون کان چار ڏوڪڙ وڌيڪ ڪمائي ٿو!؟“

امان ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. بس مون ڏانهن نهاريندي رهي. اهـا اشتي وڃون پٽجي مون کـي ڏنگيندي رهي. مان وڌيڪ ڪجهه به چوڻ واجب نه سمجهيو ۽ اندر ۾ هيڏو وڏو خال کڻي، عادت موجب چپ-چاپ پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيس.

اڪيلي ڪمري ۾ پنهنجي گهر جون اداسيون مون کي چئني پاسن کان چيرينديون رهيون ۽ پوءِ خون جا رشتا منهنجي سامهون بلڪل بي-جان ۽ ننگا ٿي پيا.

... مان اُن مهل کان ٿي سوچيندو رهيو آهيان. پنهنجي گهر ۾ پنهنجي اسٽني ڳولهيندو رهيو آهيان. مون کي لڳي ٿو ته منهنجي پنهنجي گهر ۾ منهنجو ڪجهه به باقي نه رهيو آهي. سڀني جي هوندي به مان اڪيلو آهيان- بلڪل اڪيلو. هيءُ گهر، گهر نه آهي هڪ گٽر آهي- گندي پاڻيءَ جو گٽر. اُن گٽر مان هر وقت سڙندڙ سڀندن جي بدبوءِ اُٿندي رهي ٿي، اُن بدبوءِ ۾ منهنجو دم گهٽبو رهي ٿو! ...

(سهڻي، نومبر ١٩٧٤ع)

عينڪ چڙهيل هئي ۽ جيڪو اُن وقت اخبار پڙهي رهيو هو، اخبار مان ڌيان هٽائي مون ڏانهن نهاريو ۽ چيو - "اسان جي دم گهٽجڻ سان هن جو ڪهڙو واسطو، هن کي ته پسينو ڪين ... بس ۾ چاهي پير رکڻ جي جڳهه نه هجي."

ڪنڊڪٽر لڪيءَ نظر سان هڪ ڀيرو مون ڏانهن نهاري وري اُن مسافر طرف نهاريو ۽ پوءِ پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويو. گويا ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو، ڪنهن ڪجهه چيو ئي ڪونه هو. هو ٽڪيٽون ڪٽي ماڻهن کي ڏيڻ لڳو ۽ پئسا وٺڻ لڳو.

مون وري مضبوط وڏي آواز ۾ چيو- "بس ۾ پوري ويهڻ لاءِ جڳهه ڪونه آهي توهان آهيو جو وڌيو ٿا ماڻهو چاڙهيندا؟"

ڪنڊڪٽر کي غصو اچي ويو. هن سخت آواز ۾ چيو "مون کي جيتريون سواريون کڻڻيون هونديون، کڻندس. توهان کي هلڻو آهي هلو، نه ته لهي سگهو ٿا."

"اُن جو مطلب ته توهان مسافرن کي اجائي-سجائي تڪليف ڏيندا؟"

"مان توهان کي چئي چڪو آهيان ته توهان لهڻ چاهيو، لهي سگهو ٿا." هن چيو ۽ وري پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويو.

اُن اخبار پڙهندڙ پنهنجي عينڪ جي ٿلهن شيشن

لڏندڙ پنن جو سنگيتمئه آواز، ميوزم، ڊرامي جي ڪاري رستي جي ڀرسي پاسي موٽرن (ڪاروَنگس) ميوي وارن جا دڪان، ريسٽارينٽس، ٽورسٽ هوٽلون، ٽوزو پري ڪابي پاسي فيمسنگ ڊنل عاليشان سرسبز باغ جي وچ ۾ ٽوري- ٽوري مفاصلي تي بيٺل کجور، اهو جا مندر، خاموشيءَ ۾ لپيٽيل- زنده خاموشيءَ ۾. مندرن ۾ (اندر- ٻاهر) پٿرن تي بي- مثال ڪاريگريءَ سان اڪريل ديوي- ديوتائن جون پراچين ڀڳ جون مورتون ۽ ڪام سوتر- سندرتا جون مجسم تصويرون- منهنجي آتما جي ڪئنوس تي چٽيل. سڀ منهنجي اکين اڳيان ٽري- ٽري تي آيا.

بس جهٽڪو ڏيئي بيٺي. منهنجي اکين اڳيان آيل سلونو سندر سنسار، ڪوريئڙي جي جار جيان ٽٽي پيو!

بنا نالي ڳوٺ اڳي واهه هو. انڪري بس بيهاري وئي هئي. اتي بس مان هڪ ٻه مسافر ڪونه لٿو، پر ڪنڊيڪٽر ٻه ٽيا ڪيترائي مسافر چاڙهڻ لڳو. بس ۾ پيڙ ٿيائين وڌڻ لڳي. دم گهٽجڻ لڳو... مون ڪنڊيڪٽر کي شڪايتي نوع ۾ چيو- "اسانجو اڳ ئي دم گهٽجي رهيو آهي ۽ توهان وري ٻيا ٻه ماڻهو ٿا کڻو!؟ اسانکي مارڻو اٿو ڇا؟"

منهنجي ڀر واري سيٽ تي ويٺل مسافر، جنهنجي اکين تي پلاسٽڪ جي فريم واري اوچي پاور واري

ٻانهن ۾ ٺلهو ڪنگڻ هو، جو شايد چانديءَ جو هو ۽ هن جي ٻي ٻانهن بلڪل خالي هئي. اها عورت سسڪي رهي هئي ۽ چئي رهي هئي- ”منهنجي ٻار جو دم گهٽجي رهيو آهي، ڀڳوان جي نالي هنکي بچايو، هن جو ساهه نڪري ويندو.“

سچ اُنهن سسڪين ۾ الائي ڇا هو! منهنجي آتما ۾ ڪانئي ڪلي ڇڏي وئي! من جي ڪچي زمين جو ذرو-ذرو لڏي ويو ڄڻ ته ڪوئي زلزلو اچي ويو هو!!

مون هڪدم پنهنجي اڳيان ويٺل ماڻهن کي ڌڪي پاسيرو ڪيو ۽ اڳتي هلي آيس- اُن عورت جي پرسان. مون ڏٺو ته ڏيڍ-ٻن سالن جو ٻار اس جي گپاگيهه ۾ دٻجي رهيو هو. هو سڏڪا ڀري رهيو هو، هن ويچاري لاءِ ساهه کڻڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو هو. مون آس-پاس وارن ويٺل ماڻهن کي پري ڪري اُن ٻالڪ کي ڇڪي مٿي کنيو- پنهنجي ٻانهن ۾. عورت جي رات جهڙن ڪارن وڏن- وڏن ويران اکين ۾ ٻهراڻين روشنيءَ جون ڪي ليڪون چمڪيون ۽ ٻه آنسون اچي ويا. هن دٽي جي ڪنب سان پنهنجي اکين جا آنسون اُگهندي هلڪي آواز ۾ چيو- ”ڀڳوان توهان جو ڀلو ڪري.“ بس جي گهرگهراهٽ ۾ اهو آواز مون کي ائين لڳو جيئن صبح جي وقت دور ڪٿي اڻ-ڏٺل ٽنڊلي آڪاش هيٺان ڪنهن مندر ۾ وڄندڙ گهنڊ جو هلڪو، مٺو آواز ... مان

اندران ڪنڊڪٽر ڏانهن گهوري نهاريو ۽ پوءِ هلڪي آواز ۾ الائي ڇا چئي اخبار ۾ اکيون کپائي ويهي رهيو.

... پئي ڪنهن نه مسافر منهنجي پڇاڻي ڪانه ڪئي. هرڪو ئي پنهنجي ۾ لڳو پيو هو. لاچار مان چپ ٿي ويس. ڪنڊڪٽر کي جيترا ماڻهو کڻڻا هئا کنيائين ۽ آخر بس هلڻ لڳي. ڪجهه وقت منهنجي من تي ڇڙڇڙاهٽ جو بوجهه رهيو. اهو بوجهه لٿو ته منهنجون اکيون بس واري دنيا کي پار ڪري، سامهون دريءَ جي ٿوري حصي مان باهر نظر ايندڙ چپ آسمان ۽ گهرن جي سلسلي کي ڏسڻ لڳيون. ڪکائون جهوپڙيون، ڪچا-پڪا گهر تيز اُس ۾ چمڪي رهيا هئا. اهو سلسلو پورو ٿي ويو ته کيتن ڏکڻ شروع ڪيو. کيتن جي ننگي ٿلهه کي پيلي چمڪيلي اُس ۾ چمڪندو ڏسندي- ڏسندي الائي ڪنهن مهل منهنجو من وري وڃي ڪنجو راهو جي مندرن ۾ اٽڪيو.

... پنهنجي آس-پاس واري سنسار مان ايندڙ ڪنهنجي سسڪڻ جي درد ڀري آواز تي منهنجو ڌيان ٽٽو. مان بس ۾ هيڏانهن - هوڏانهن نهارڻ لڳس. مون ڏٺو ته اسان پينل مسافرن ۾ ٽي پنجن-ڇهن مسافرن کان پوءِ هڪ غريب ڳوٺاڻي عورت، جنهنجو چهرو هڪ کنڊهر جهڙو هو، سفيد ڏنڍي، ڪڙلي ۽ نيري شبت جي سلوار ۾ ويٺي هئي. هن جي ڪنن ۾ والا هئا، ساڄي

سان چونو ۽ تماڪ ملائڻ لڳو. ٿورو وقت اهي ملائي-ملائي ٻـوءِ کڻي وات ۾ وڌائين. ڪنڊڪٽر سڄو وقت چپ رهيو. هُن اُنهن ئـي خالي نظرن سان مسافرن کـي ڏسندو رهيو گويا هو مسافرن کي نه پر اجنتا-ايلورا جي نه سمجهه ۾ ايندڙ مورتين کي ڏسندو هجي.

پاڻيءَ ۾ پٿر ڪرڻ ڪانپوءِ جيئن ڪجهه وقت لهرون اُٿنديون آهن ۽ وري پنهنجو پاڻ شانت ٿـي وينديون آهن بلڪل ساڳئي نموني مسافرن جو ڳالهائڻ به ڪجهه دير ڪانپوءِ پنهنجو پاڻ بند ٿي ويو.

بس سڌي سنسان رستي تي تيز ڊڪي رهي هئي. ڪجهه وقت ڪانپوءِ چاڙهي آئي ته بس جي رفتار ڍلي ٿي وئي. چاڙهي چڙهي، ساڄي پاسي مڙي جڏهن بس لمبي پل پار ڪرڻ لڳي ته نديءَ اُس جـو هڪ ڊگهو پٽو دريءَ کان اچي اسان (ڪجهه بيٺل ۽ ڪجهه ويٺل مسافرن) کي پاسيرو ڪٽي ويو. اُس کان بچڻ لاءِ مان ٿورو سري بيٺس تـه منهنجون نگاهون اُن عورت جي نگاهن سان ٽڪرائجي ويون.

مون کيس چيو، ”ٻـالڪ کـي کڻي بيهڻ ۾ توکي تڪليف ٿيندي هجي ته مون کي ڏي مان کڻي بيهان.“

”مهرباني، مـان کڻي بيٺي آهيان.“ هن ٻالڪ کي جو هاڻي چپ هو، هنج ۾ ڏاهي ڪنيو ته هن جو ساڄو هٿ جڏهن سان هوءَ بس جو ڏنڊو پڪڙي بيٺي هئي،

مسٽر مگڊ ٽي گهڙي پل لاءِ اُن عورت جي وڏين-وڏين اکين ۾ نظر ايندڙ پاڪ زناني آتما کي پنهنجي مٺين دعائن جا گل ڦٽا ڪندو ڏسندو رهيس. پوءِ مون ٻالڪ (جو اڃا به سڏڪا ڀري رهيو هو.) اُن عورت کي ڏنو. اسٽيشن ۾ سختي اچـي وڃڻ سبب بس جو ماحول ڳورو ٿي ويو. ڪجهه بيٺل ۽ ويٺل ماڻهن ۾ پڙ-پڙ چالو ٿي وئي هئي. هو هاڻي ڪنڊڪٽر کي گهٽ-وڌ ڳالهائي رهيا هئا جو هن بس ۾ تمام گهڻا ماڻهو چاڙهيا هئا.

"اڄ-ڪالهه هنن ڪنڊڪٽرن جو دماغ آسمان تي چڙهي ويو آهي." هڪ مسافر جنهنکي ڌوتي ۽ بنگالي ڪڙتو پيل هو، پنهنجي پاسي ۾ ويٺل مسافر کي چيو-

"سچ ٿا چئو، هي ائين ٿا سمجهن ڄڻ ته بسون سرڪاري نه پر هنن جون آهن. جيترا ماڻهو ڪين وٺندا، چاڙهيندا!" ٻئي مسافر چيو.

"اڄ هن ننڍڙي ٻالڪ جو ساهه پوسائجي رهيو هو. ڪجهه ٿي پوي ها ته ڪير جوابدار ٿئـي ها!؟" اهو ٽئين مسافر جو آواز هو. هو بيٺلن مان هو.

"اسان کي ڪمپليئنٽ بوڪ ۾ هي سڀ نوٽ ڪرڻ گهرجي." پهرئين مسافر چيو. هن ڪڙتي جي کيسي مان هڪ ننڍڙي ڏٻلي ڪڍي اُن مان چونو ۽ تماڪ ڪڍيو. هو کاٻي هٿ جي ترئي تي، ساڄي هٿ جـي آڱوٺي

لڳو ته اهو آواز ڪنهن غفا مان اچي رهيو هو. اُن آواز ۾ ڪجهه هو جنهن منهنجي آتما کي گهرائيءَ تائين وڃي ڇهيو. مونکي لڳو ته اڄ جي مرندڙ زندگيءَ ۾ اهو هن جي تڪليف جي دنيا جو هڪ ننڍڙو ننگو سچ هو ... خبر نه آهي ڇو اُن وقت هن جو معصوم منهن ڏسي مون کي پنهنجي شهر جي چرچ ۾ ڏنل ڪرسٽان ڌرم جي پاڪ مدر ميريءَ جي مورتيءَ جي ياد اچي وئي!

مون همدرديءَ مان پڇيو، ”تنهنجي پتيءَ کي ڪهڙي بيماري آهي؟“ سوال پڇڻ کانپوءِ پاڻ کي لڳو ته هن ويچاريءَ ڳوٺاڻي عورت کي ڪهڙي خبر هوندي!

هن مايوس گهري آواز ۾ چيو - ”مون کي چڱيءَ طرح خبر ڪونهه آهي.“ ٿورو روڪجي وري چيائين، ”منهنجو پتي شراب تمام گهڻو پيئندو آهي، شايد اُن مان ڪائي خرابي ٿي ائس.“

... مان پنهنجيءَ خاموشيءَ ۾ بند ٿي ويس ۽ هوءَ پنهنجيءَ خاموشيءَ ۾. انهيءَ خاموشيءَ جي خيال کي پرپائيندي رهي بس جي گهرگهراهٽ ... منهنجون اکيون بس جي ڇت ۾ ائين ٿي اجايو-سجايو ڀٽڪنديون رهيون. بس ۾ آس-پاس درين ۾ لڳل ڪانچ ڏسي مون کي لڳو ته سڄي بس هڪ گلاس. ٽُڙڪ هيٺ ۾ الڳ-الڳ رنگن جا ڪپڙا پاتل ماڻهوان ۾ آهستي

تورو لڏيو. هن جي ٻانهن ۾ ٻاٽل ڪنگڻ تورو هيٺ کسڪي ويو. ڪنگڻ اُس جي ٽٽي ۾ چمڪڻ لڳو.

”تون ڪٿان چڙهين ٿي؟“ مون پڇيو.

”ٺٽا مان.“ هن جواب ڏنو.

”توهان ڪٿان چڙهيا؟“

”ڪڇو راهو مان.“

”ڪاڏي وڃي رهيا آهيو؟“

”ٺٽا“ مون چيو.

”۽ تون؟“

”مان به ٺٽا وڃي رهي آهيان.“

هوءَ ڪجهه وقت چپ رهي پوءِ چيائين- ”ٺٽا ۾ منهنجو ٽي اِسپتال ۾ پيل آهي. اڄ صبح ڊاڪٽر مونکي ڪي دوائون آڻڻ لاءِ چيو هو. دوائون تمام مهانگيون هيون ۽ مون وٽ پورا پئسا ڪونه هئا... شهر ۾ ڪوئي سڃاڻل به ڪونه هو. ڊاڪٽر کي پنهنجي مجبوري ٻڌايم ته هن پنهنجي لاچاري ڏيکاريندي چيو ته دوائون ڪهڙيءَ به حالت ۾ منجهند تائين پهچي وڃڻ کپن. ٻيو ڪو رستو نه ڏسي مان گهر واپس هلي آيس. پاڙي مان هن-هن کان وٺي دوائن جا پئسا گڏ ڪيا اٿم (هن ڊپٽي جي ڪنڊ ۾ ٻڌل پئسن جي ڳنڍ ڏانهن منهنجو ڌيان ڇڪايو.) هاڻي ٺٽا وڃي رهي آهيان. دوائون وٺي اسپتال ويندس.“ ڳالهائيندي- ڳالهائيندي هن جو آواز ڳورو ٿي ويو هو. انهن ٽٽي

"تڪليف! ... اهڙي تڪليف، جيڪڏهن انسان هڪ ٻئي لاءِ نه وٺي سگهي ته باقي رهيو ئي ڇا!؟"

"......"

"ننڍي مسافري آهي، پوري ئي ويندي." اُن نوجوان چيو.

عورت وڌيڪ ڪي ڪين ڪڇيو. هوءَ اُن نوجوان جي پرسان سوڙهه-سنگهوڙ ۾ ٻالڪ کي گود ۾ کڻي ويٺي رهي. هن جي چهري تي احسانمنديءَ جو ڀاو هو.

... بس هلندي رهي. بس سان گڏ بس جو پاڇولو به ڊگهو ٿي هلندو رهيو. آسمان ۾ اُڏامندڙ پکي، هوا سبب اُڏندڙ مٽيءَ جا هلڪا گهرا بادل، اُس-ڇانو جا هٽي-هٽي ڦهليل ڊگها ۽ چورس ٽڪرا، سڪل پن، پيچرا، پڪو رستو، مائيل اسٽون، وڻ، ڳاهن ميڙهن جا ڍڳ، سڀ پوئتي کسڪندا رهيا ...

جهاڪن-جهوڪن ۾ ويٺي-ويٺي منهنجو سفر طئه ٿيندو رهيو.

ڪلاڪ-ڏيڍ کان پوءِ ڪوئي ننڍڙو ڳوٺ آيو. بس بيٺي ته اُن نوجوان مون کي چيو- "مان هت لهي رهيو آهيان، توهان ڀلي منهنجيءَ جاءِ تي اچي ويهو." پيرن وٽ رکيل ننڍڙو سوٽ ڪيس هٿ ۾ کڻي هو اُٿيو ۽ بس مان لهڻ واري دروازي طرف وڌي ويو.

آهستي چرڻ وارا-ون ڏٺيون. آخـــر منهنجي نظر پئي ۾ هڪ وڻندڙ نوجوان سان وڃي ٽڪرائي. اُن نوجوان سان منهنجي نظر ٻ-چار ڀيرا اڳ ۾ ٻ ٽڪرائجـــي چڪي هئي. مون کي هن جي اکين جو ڀاو ڪجهه نيڪ نه لڳو الائي ڇو لڳو هـــوم ته هو (اُهو نوجوان) ان عورت سان ٿي-ل منهنجو سمورو گفتگو ضرورت کان وڌيڪ ڌيـــان سان ٻڌندو رهيو هو.

هو الٽرا ماڊرن ٿي لڳو- وڏا وار، ڳاڙهن گلن واري بشرٽ، گلي ۾ چين سان اسٽيل جو نعيڙو ۽ ٽرشول ۽ ٻانهن ۾ گول نيري ڊائل واري واچ.

مون سان نگاهن ملڻ تـــي هن (اُن نوجوان) چيو- "اُن عورت کـــان ٻالڪ وٺي مون کـــي ڏيو ته مان ٿو ڪڍي وٺان، وڃاري ٿڪجي پيئي هوندي."

آواز تي عورت جون نگاهون اُن پاسي ورڻ ته هن (اُن نوجوان) عورت کـي چيو- "ٻالڪ مون کـــي ڏي ته مان ٿو ڪڍي وٺان، تون ٿڪجي پيئي هوندين." وري الائي ڪهڙو خيال آيس جو سري ٻهڪجي پرسان ٿوري جاء ڏاهيندي چيائين- "تون هت ويهڻ چاهين ته ٻلي ويهه".

عورت هڪ خاموش نظر منهنجي مٿان وڌي ۽ پوءِ اُن نوجوان ڏي منهن ڪندي نماڻـــي آواز ۾ چيائين- اجايو-سڄايو توهان کي به تڪليف ٿيندي."

• نئون ڪمرو

سڀيئي ٻار پڇي، وچ ۾ ٿورو پري بيٺا. هنن ڪملا جي ماءُ سرسوتيءَ کي سامهون ايندو ڏسي ورتو هو. سرن کي هٿي. هٿي پيل ڏسي سرسوتيءَ پريان ئي هٿ ڪٽي پٽڻ شروع ڪيو.

”مٺا، اهي هٿ پڇندءُ ... جن سان راند ٿا ڪريوا؟

”تنهنجا پڇندا!“ هڪ ٻار جواب ۾ چيو.

”جواب ته ڏاڍو، توهان کي ڪيترا ڀيرا چيو اٿم ته سرون نه وڄايو؟“ سرسوتيءَ جو لکو آواز وڌيڪ لکو ٿي ويو.

”ڪير ٿو وڄائي.“ ٻئي ٻار چيو.

”ته ڇا ٿا ڪريو؟“ سرسوتيءَ سرن کي نيڪ طرح سان رکندي چيو.

”راند ٿا ڪريون.“ ٽئين ٻار چيو. هن جي آواز ۽ اکين ۾ شرارت هئي.

”راند ڪرڻ لاءِ توهان کي ٻي ڪا جڳهه ئي ڪونه ٿي ملي!“

”توکي سرن رکڻ لاءِ ٻي ڪا جڳهه ئي ڪونه ٿي ملي؟“

مان انهيءَ وقت کان بيهي-بيهي ٿڪجي پيو هوس. انڪري ٻئي ڪنهن ڊٻي جي اُن خالي، جاءِ تي (اُن عورت پرسان) وڃي ويهي رهيس. اس ھليءَ ۾ مون عورت کان پڇيو - "تنهنجو پتي ڇا ڪندو آهي؟"

"مزوري ڪندو آهي."

" ...... "

ٿوريءَ دير کانپوءِ هن وري چيو - "اڄ دوائن جي ڏاڍي ڇنتا هئي. ايشور مهر ڪئي جو پئسن جو بندوبست ٿي ويو ۽ ٽائيم تي بس بہ ملي وئي." هن جو هٿ ڏٺي ۾ ٻڌل ڳنڍ ڏانهن وڌيو. هن کان دانهن نڪري وئي - "منهنجا پئسا!!"

۽ مون ڏٺـو تہ هن جي ڏيئي واري ڳنڍ، جنهن ۾ هن جا پئسا ٻڌل هئا، ڇڙي پيئي هئي!

(ڪونج، مارچ ١٩٧٥)

سرد ساھہ جو ھنجي اندر جي الائي ڪھڙيءَ ڪنڊ مان ٻاھر نڪري آيو ھو! ھوءَ ڪجھہ وقت ائين ئي بيٺي رھي ۽ پوءِ واپس ڪمري ۾ ھلي ويئي.

”بابا چانھہ تيار آھي، ڪٿي اچان؟“ ڪملا پيءُ کان پڇيو.

”ٻاھر ڪٿي اچ.“ پريمچند ھلڪي آواز ۾ چيو. ھن جون اکيون ڇت ۾ الائي ڇا ڏسڻ لڳيون.

”بابا!“ ڪملا آواز ڏنو. ھنجي ھٿ ۾ چانھہ جو ڪوپ ھو جنھن مان ھلڪي-ھلڪي ٻاڦ نڪري رھي ھئي.

”جيءُ.“ پريمچند پنھنجي نگاھہ ڪملا طرف ورائي.

”چانھہ.“

” ...... “

ڪملا چانھہ جو ڪوپ ڪٽ جي پرسان رکيل اسٽول تي رکيو. پيءُ کي اُٿي ويھڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي. ھن جون اکيون وھاڻي تي رکيل پيءُ جي وساميل چھري ۽ ٽنگن سان وچي ٽڪرايون. ۽ ڪملا جي اکين ھيٺان سميٽيل ٻاچا گھرا ٿي ويا. ھن جو اُداس چھرو وڌيڪ اُداس ٿي ويو.

اُن اُداسيءَ جي عمر اٽڪل ايائي سال ھئي. پريمچند ھڪ ڪارخاني ۾ ملازم ھو. ھو ھر مھني رپيا سايا چار سؤ گھر ۾ ڪٺي ايندو ھو. پريمچند، سرسوتي، ڪملا ۽ ٻين ٻن ٻارن کي روٽي ملي ويندي ھئي. ننڍڙو ڪٽنب اُن ۾ ئي خوش ھو. گھڻن ڏينھن کان

”هيءَ جڳهه ٺهندي آهي؟“ سرسوتيءَ جي اکين ۾ سرخي اچي وئي.

”ڇا ٺهندي آهي؟“ ٻهرئين ٻار چيو. هو هاڻي واڪارا ڏيڻ لڳو.

”ڪلوءَ ماءُ! او ڪلوءَ ماءُ!! ... ڏس پنهنجي پٽ جا لڇڻ!“ سرسوتيءَ واڪا ڪندي چيو.

ٻار ڊڪ پائي ڀڄي ويو. ٻيا ٻار به هنجي پٺيان ڊڪندا هليا ويا.

... هاڻي اُس جو چهرو ڌنڌلو ٿي رهيو هو. گهر واري نم جي وڻ جي پنن ۽ ٽارين جا پاڇا آڳڙ واري اڌ-ٺهيل ڪمري جي پٿرن تي ڦهلجي ڊگها ٿي ويا هئا. سامهون واري ڪئٿولڪ چرچ جو ٽاور، رستي جي ٻئي پاسي واريءَ ٻلڊنگ جي ٻالڪنيءَ جو ڪجهه حصو، بجليءَ جون تارون، لئمپ-پوسٽ، اُن جي پرسان- رکيل سرن جو ڍير سج جي سونهري روشنيءَ ۾ چمڪي رهيا هئا.

سرسوتي ٻارن کي لٽي رهي هئي ۽ سرون ڳاهي رکي رهي هئي.

پنهنجي ماءُ جو اونچي آواز ۾ ٻٽڪو ٻڌي ڪملا ٻاهر نڪري آئي. سانجهي شام ۾ هن جي نظر مٿان جهڪيل بي-جان آسمان، ٻڌر وارن ٻاچولن جي شطرنج ۽ رستي سان ٽڪرائي سرسوتيءَ وٽ روڪجي وئي. هوءَ سڀ سمجهي وئي. هن هڪ سرد ساهه کنيو.

لڳو. اُن بدنصيب، بيمار ماحول ۾ پرمانند جي وجود جي ريشي-ريشي ۾ مٽي پرجڻ لڳي. چالو وقت هن کي هڪ وڏو پهاڙ لڳڻ لڳو جنهن تي چڙهڻ هن جي اپاهج سرير جي وس کان ٻاهر هو. هو صرف کٽ تي ليٽي-ليٽي ڇت ڏي ٽڪ ڏيئي الائي ڇا سوچڻ لڳو. گويا سوچڻ ۽ ڏسڻ ئي هن جو پنهنجو رهجي ويو هو باقي سڀ پرائو ٿي چڪو هو. سرسوتيءَ جي مانسڪ اسٿتي بدلجي اِي ٿي وئي. گهر ۾ ڪنهن جي به اچڻ تي هوءَ پنهنجا دکڙا روئڻ لڳي. "الائي ڪهڙن پاپن جي سزا ملي آهي! سوچيو هو هڪ ڪمرو ٺهرائينداسين، ڪملا کي گهٽ ۾ مئٽرڪ ضرور پڙهائينداسين، ڪنهن چڱي گهر ۾ سندس شادي ڪرائينداسين، سڀ اڌورو ئي رهجي ويو! ... هاڻي ته پيٽ لاءِ روٽي ملڻ به مشڪل ٿي پيئي آهي، ٻين گهرن جو پورهيو ڪرڻ ڪانپوءِ به! سمجهه ۾ نٿو اچي گهر ڪيئن هلندو! ...

ڏينهن رات اهو سڀ ڏسي ٻڌي، ڪملا جو من مايوس ٿي ويو. هن جي اکين ۾ اڳ واري چمڪ جو نشان به نه رهيو. اُنهن ۾ ڪجهه ٻيو ڦهلجي ويو- غريبيءَ جي احساس جهڙو ڪجهه. هوءَ هر وقت درين ۽ دروازن-ڏانهن مجبور نظر سان نهارڻ لڳي، ڄڻ ته انهين نهارڻ سان گهر جي غريبي ڊڪ پائي درين-دروازن کان ٻاهر هلي ويندي. بدنصيبيءَ جو ڇارو لهڻ لڳندو. هوءَ گم-سم پنهنجي پريشانين ۾ ٻند-ٻند رهڻ لڳي.

پريمچند ۽ سرسوتيءَ جي خواهش هئي ته گهر جي مرمت ڪرائجي (ديوارن جو پلستر بلڪل لهي ويو هو- اهي هاڻي بلڪل ننگيون ٿي ويون هيون. مٿان ڀيل ڪويلين جي ڇت ۾ جڳهه-جڳهه کان ڇڄي پيئي هئي. برسات ۾ سڄو گهر پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويندو هو) ۽ آخر ۾ هڪ نئون ڪمرو ٺهرائي، مسواڙ تي ڏجي. اُن واڌار سان پريمچند ٿورو گهر-خرچ مان بچائي ۽ باقي پراويڊنٽ فنڊ مان قرض وٺي ڪم ۾ هٿ وڌو هو. ڪمرو ٺهڻ شروع ٿيو هو. ڀتيون ٿورڙيون مٿي اُڀ ڪيون هيون. پريمچند پنهنجي ننڍڙي خواهش پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي رهيو هو جو هڪ ڏينهن ...

هڪ ڏينهن ڪم تان واپس موٽندي ٽرڪ-ائڪسيڊنٽ ۾ هو ڏاڍو زخمي ٿي پيو. ڊاڪٽرن جي تمام گهڻيءَ ڪوشش ڪانپوءِ هن جي جان ته بچي پر ٻئي ڄنگهون هليون ويون. هو اپاهج بڻجي پيو. هن جي پنهنجي زندگي هن کي گهڻو پوئتي ڇڏي اڳتي نڪري وئي تاس جي پتن جيان سڀ ڪجهه پکڙجي ويو.

آمدنيءَ جو رستو بند ٿي ويو. ڪمري جو ڪم اڃا شروع ٿي مس ٿيو هو، روڪجي ويو! ... ڪمري لاءِ ٺهرايل سرون ۽ رِتي رُلي وئي. اُن کي پاڙي جا نٽ-کٽ ٻار راند ۾ وڃائڻ لڳا. گهر جي شڪل ٿي بدلجي وئي. اهو اڳ کان ننڍو لڳڻ لڳو. پراڻيون پلستر لٿل ديوارون سڀني پاسن کان سوڙهو ڪرڻ لڳيون. ساهه پوسائجڻ

"ٻاپوءِ ڇا چيو؟" پرمانند سرسوتيءَ مٿان سوالي نگاهون وجهندي پڇيو.

"مونکي تہ پهريائين ئي پئي لڳو تہ وڃڻ اجايو آهي." سرسوتيءَ جي چهري تي پريشانيءَ جون ليڪون اڀري آيون.

"ڇا چيائين؟" پرمانند ٻڏل آواز ۾ پڇيو.

"هو پهريون بل چڪائڻ کان اڳ ڪجهہ بہ ڏيڻ لاءِ تيار ڪونہ آهي." سرسوتيءَ ساڙهيءَ جي پلئُو کي ٽيڪ ڪري کٽ تي ويهندي چيو.

گهر جو سڀ ڪجهہ هڪدم وڌيڪ اداس ٿي ويو. ڄڻ تہ هنن پنهنجي ڪنهن عزيز جي مري وڃڻ جي خبر ٻڌي هئي. اُن مُئل ماحول ۾ ڪجهہ وقت لاءِ سڀئي پنهنجو پاڻ ۾ سميٽجي ويا.

"مون ڪيس ڏاڍيون منٿون ڪيون پر هن هڪ نہ ٻڌي." ڪجهہ وقت چپ رهڻ بعد سرسوتيءَ چيو.

"هي ڀڳوان!" پرمانند کي لڳو تہ جنهن ديوار کي هن جو اپاهج سرير ٽيڪ ڏئي ويٺو هو اُها لڏي وئي هئي. لڏي ڪين وئي هئي پر ڪري پيئي هئي.

"صبح کير وارو بہ گهٽ-وڌ ڳالهائي ويو آهي." سرسوتيءَ اداس آواز ۾ چيو.

اکر ڪمري ۾ گهنب جيان وڄڻ لڳا.

پرمانند جي من ۾ ڪجهہ شيشي جي ٽڪر جيان

پريمچند گرم-گرم چانهه جو ڍڪ ڀريندي پڇيو-

"وقت گهڻو ٿيو آهي؟"

"پنج". ڪملا ٽيبل تي رکيل ٽائيم-پيس تي نظر وجهندي چيو.

"پنج ٿي ويا آهن!" پريمچند ديوار کي ٽيڪ ڏني. ديوار تي پيل اُس جو ڊگهو ٽڪر هن جي ڪلهي تي هليو آيو.

" ...... "

"ٻار اڃا اسڪول مان ڪونه موٽيا آهن؟"

"نه" ڪملا چيو.

"ٻارن لاءِ چانهه رکي اٿيئي؟... ايندا ئي هوندا."

"ها."

"سرسوتي ڪراڙي واري وٽان ٿي آئي؟"

"اڃا هاڻي آئي آهي ... ٻاهر آهي." ڪملا چيو. هوءَ دريءَ جي شيشن جي پار واري آڪاش جي آئيندي کي ڏسڻ لڳي. اهو هاڻي اڳ کان ڌنڌلو ٿيڻ لڳو.

"ٻاهر ڇا ٿي ڪري؟"

ڪملا ڪو جواب ڪونه ڏنو.

"سڏ ڪريانس."

ڪملا ماءُ کي سڏ ڪرڻ وڃي نه ٿي رهي هئي جو سرسوتي ڪمري ۾ داخل ٿي. هوءَ هاڻي چپ هئي ۽ ته به هن جي منهن وارو سڀ ڪجهه، سخت-سخت ۽ سهٽيل-سهٽيل هو.

۽ وري ڪڏهن ٻي-جان ننگين ٿڌين ديوارن ڏانهن ... هن سوچيو ته اڄ جو سج گذريل سج کان ڪيترو الڳ هو! اڄ هن کي لڳي رهيو هو ته هن جي ماءُ-ٻيءُ جون شڪليون پٿريلي وقت سان ٽڪرائجي-ٽڪرائجي گسي ويون هيون.

اها سردين جي هڪ ٿڌڙي شام هئي.

ٻار اسڪول مان ٿي آيا هئا. هنن جي اچڻ ڪري گهر ۾ ٿوري چهل-پهل اچي وئي هئي. ڪملا ٻارن کي گرم-گرم روٽي پچائي ڏني هئي. ٻار خوشيءَ سان کائي رهيا هئا. ٻارن جي چپڙ-چپڙ کائڻ ۽ ڪمري مان ايندڙ سرسوتيءَ ۽ پرمانند جي؛ گهر-خرچ بابت ڳالهائڻ جو آواز ڪملا جي ڪنن سان ٽڪرائي رهيو هو... ٻاهريون ٿڌو اداس اونداهو در ۽ دريءَ جي شيشن مان اڳهي اندر هلي آيو ته ڪملا اٿي بجليءَ جو بٽڻ هيٺ ڪيو. بلب ٻري ويو. زرد ٿو پيليءَ روشنيءَ ۾ ٻڏي ويو. روشنيءَ جو هڪ ٽڪرو ڊگهو ٿي ٻاهر نڪري پڌر ۾ هليو ويو. اُتي لئمپ-پوسٽ واري روشنيءَ جو ٽڪر رستو پار ڪري اڳيئن ٿي ڦهلجي چڪو هو. ڪملا پڌر ۾ اچي بيٺي- پنهنجي اندر من ۾ الجهيل. هوءَ ٻاهر ڦهليل ٿڌ ۾ روشنيءَ جي الڳ-الڳ ٽڪرن کي ٽڪ-ٽڪ ڏسندي رهي. ٻانهن ۾ پاتل ڪانچ جي ڪنگڻين کي هيٺ مٿي ڪندي رهي، پنهنجي گهر جي هڪ-هڪ اڌاري ساهه ۽ اداس اسٽين بابت سوچيندي رهي ......

ڇڏي ويو. هن جي چهري واريون لاچاريءَ جون ليڪون وڌيڪ گهريون ٿي ويون. هن جون اکيون جهڪي فرش کي گهورڻ لڳيون. هن محسوس ڪيو ته صرف هوُ اپاهج ڪونه ٿي ويو هو سڄي دنيا ئي اپاهج ٿي وئي هئي. هن جي چئني پاسن وارو سڀ-ڪجهه اپاهج ٿي ويو هو. هن چانهه جو آخري ڍڪ ڀري پيالو اسٽول تي رکيو. پرسان رکيل ٻيڙين جي پڙيءَ مان هڪ ٻيڙي ڪڍي وات ۾ وڌي ۽ پوءِ ماچيس جي تيلي ٻاري اُن کي دکايو.

"هاڻي ڇا ٿيندو؟" ٻيڙيءَ مان هڪ لمبو ڪش ڪڍي پرمچند ڇتا ٻڌل آواز ۾ چيو. هو ويراني ۾ ڀٽڪي ويل ماڻهوءَ جيان هيڏانهن-هوڏانهن نهارڻ لڳو.

"ڪجهه-نه-ڪجهه ته ڪرڻو ئي پوندو ... ٻار صبح کان بکيا ئي آهن!"

پرمچند چپ.

ڪملا چپ.

"هن وقت ڏسان، پاڙي مان ڪنهن وٽان ڪجهه ملي وڃي. پوءِ اشوڪ اچي ته اُن سان ڳالهائيندس ... ٻيو ته ڪو رستو ئي نظر نٿو اچي." سرسوتيءَ چيو ۽ هوءَ اٿي.

ڪملا سرچ-لائيٽ ڦٽي ڪرڻ وارين اکين سان ڪڏهن ٻاهر ويندڙ ماءُ ڏانهن نهارڻ لڳي ۽ ڪڏهن پيءُ ڏانهن

تڏهن چانهه وٺندي هن ڪملا جو هٿ پڪڙيو هو ... ڪملا پنهنجي آتما سوڌي سڄي لڏي ويئي هئي. هن کي لڳو هو ته هن جي آس-پاس واري آڪاش کي ڪنهن زبردستيءَ ٻاهر ڪڍي ڦٽو ڪيو هو. هوءَ هٿ ڇڏائي ٻاهر پڌر ۾ هلي ويئي هئي. هوءَ سڀ سمجهي ويئي هئي. اشوڪ جي اندر پاونا جو پورو نقشو هن جي اکين اڳيان اچي ويو هو.

اشوڪ چانهه جا ٻه ڪوپ کڻي اچي پريمچند وٽ ويٺو هو. پريمچند سان گڏ چانهه پي ٿورو وقت ڳالهائي-ٻولهائي هوءُ هليو ويو هو.

اُن ڏينهن ڪملا پنهنجي ماءُ-پيءُ کي چيو هو- ”مونکي اشوڪ جو گهر ۾ اچڻ بلڪل پسند ڪونه آهي ... توهان ڪيس روڪي ڇڏيو.“

پريمچند ڪجهه چوي اُن کان اڳ ۾ ئي سرسوتيءَ چيو هو- ”ڇو؟ ڇا ڳالهه آهي؟ هوءُ ته تمام سٺو ڇوڪرو آهي ... پاڙي ۾ هڪ اُنهيءَ جو ئي ته ساٿ آهي. اسانجي ته رڳ-رڳ هن جي قرضدار آهي. هيڏي مهل تائين هن اسان کي ڪيترا پئسا ڏنا آهن ۽ ڪڏهن ٻاڦ به ٻاهر ڪڍي اٿائين؟“

”امان تون ته هر وقت اهي ئي ڳالهيون پيئي ڪندي آهين...“ ڪملا گهري آواز ۾ چيو هو. هن جي اندر ۾ ڪجهه رونڻهارڪو ٿي آيو هو.

ڪنهن جي قدمن جي آواز تي هن جو ڌيان ٽٽو. سامهون اشوڪ هو.

”ڇا سوچي رهي آهين؟“ اشوڪ ڪملا جي ڀرسان ويهندي چيو.

”ڪجهه به نه.“ ڪملا وساميل من سان چيو.

”ڪجهه ته سوچي رهي آهين.“

ڪملا خاموش رهي. هوءَ سامهون نهاريندي رهي. سامهون چرچ جو اونچو ٽاور نيري ڌنڌ ۾ لپٽيو پيئو هو. ان جي مٿان ٽمڪين هو آڪاش جو ٽڪر. ان ٽڪر ۾ ڪجهه تارا ٽمڪي رهيا هئا.

اشوڪ ڪملا ڏانهن نهاريندو رهيو. هڪ ويتل نظر سان. عينڪ، سفيد قميص، واچ، سفيد پتلون ۽ چمپل ۾ هو پلاسٽر-آف-پئرس جي هڪ مورتيءَ جيان لڳي رهيو هو.

اشوڪ ڪنهن بئنڪ ۾ آفيسر هو. هو پهريائين ممبئيءَ ۾ هو پوءِ بدليءَ سبب هن کي اهو شهر ڇڏڻو پيو هو. هو هاڻي گذريل ٽن-چئن سالن کان هن شهر ۾ هو. هو پرمچند جو پاڙيسري هو. پرمچند جي پريوار کي تڪليف ۾ هو وقت-بي-وقت مدد ڪندو رهيو هو. سرسوتي هن جي ساراهه ڪري ڍاپندي ئي ڪونه هئي پر ڪملا کي، هن جو گهر ۾ اچڻ بلڪل پسند ڪونه هو. ڪجهه ڏينهن اڳ، سرسوتيءَ جي غير حاضريءَ ۾ اچانڪ پاڻ ٿي کٽي اچڻ لاءِ اشوڪ زندگي ۾ هليو ويو هو.

ڪي وري نه ڏاڍهن ڏنـي هئي پر سرسوتيءَ ڪملا کي ئي سمجهايو هو.

هاڻي اشوڪ جـي گهر ۾ ايندي ئي ڪملا کـي مونجهه محسوس ٿيندي هئـي. ساهه کڻـڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو هوس. ساهه هن جي ڇاتيءَ جي هڏين ۾ اٽڪي پوندو هو ... هنکي لڳندو هو ته هوءَ پنهنجي گهر ۾ نه پر هڪ ڪنڊهر ۾ آهي.

"امان گهر ۾ آهـي؟" ڪملا کـي چپ ڏسي اشوڪ پڇيو.

"ها". ڪملا گم ٿيل آواز ۾ چيو.

"ٻاهر توکي ٿڌ ڪونه لڳي رهي، آهـي؟" اشوڪ چيو. هن پنهنجي ٻانهن مٿي ڪري واچ ۾ وقت ڏٺو.

ڪملا ڪو جواب ڪونه ڏنو. هن اشوڪ ڏانهن ائين نهاريو گويا هوُ ڪنهن ٻيءَ دنيا کـان آيل هڪ اجنبي هو جنهن کي هن ڪڏهن ڏٺو ئي ڪين هو. هن سان هن جي واقفيت نه ٻس هاڻي هن گهڙيءَ ئي ٿي هئي.

"اچ اندر هلون." اشوڪ ڪملا جي ٻانهن پڪڙي.

ڪملا جي چيتنا-لوڪ ۾ زلزلو اچـي ويو. هن جـي سوايماني اکين هڪ تکي نظر اشوڪ مٿان وڌي ۽ ٻانهن ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڇڏائـي نه سگهي. هن سخت آواز ۾ چيو— "توهان کـي گهڻا ڀيرا چيو اٿم ته مونکي هي سڀ پسند ڪونه آهي!"

اشوڪ ڪو جواب ڪونه ڏنو هـو. اڄ جيان ڪملا

اڪر ڪجهه وقت اُن ڪمري جي ٻهڪجي ٻٽريلي ايڪانت ۾ ٻُڏگيا رهيا. ٿوري دير بعد پرمچند ڪملا جي مٿي ٽلي هٿ رکندي چيو هو- "ٻٽ، هوُ سنو ڇوڪرو آهي. اڇا اڄ ته ڇٽي ويو آهي ته هوُ اسان کي نئون ڪمرو ٺهرائي ڏيڻ ۾ به مدد ڪندو."

"سچ!" سرسوتيءَ جون اکيون چمڪي اُٿيون هيون.

"ها ... هوُ اُن ڪمري ۾ اسانجو مسواڙي ٿي ويندو ۽ سڀ پئسا آهستي مسواڙ مان ڪاٽيندو ويندو."

ڪملا هنن ٻنهي جا چهرا ڏسندي رهي هئي. اُنهن ٻن چهرن ۾ هن کي ڪي ٻيا چهرا به نظر آيا هئا.

مجبورين جا چهرا!

جيئڻ جي موهه جا چهرا!!!

اپاهج ممتا جا چهرا!!!!

ڏسندي- ڏسندي اُلائي ڪنهن مهل هن جي ڦهلبل وڏين- وڏين اکين جون هيٺيون ڪنڊون ڳوڙهن سان ڀرجي ڳوڙهن تي وڙهو ن هيون. سامهون وارو سڀ ڪجهه ڌنڌلو ٿيڻ لڳو هو. هوءَ اُٿي هلي وئي هئي ...

اُن رات ڪملا ننڊ ڪونه ڪري سگهي هئي. بس پاسا بدلائيندي رهي هئي. ساڄي پاسي، کاٻي پاسي. صبح جو هن جي اکين ۾ ڳوڙها ڳنهوهر اُڙيل نظر آيا هئا ...

اشوڪ هر روز اچڻ لڳو هو. هن جي همت ڏينهن- ڏينهن ڪجهه وڌڻ لڳي هئي. ڪملا ٻچار پيرا ماءُ

هن کي لڳو ته هن جي ماءُ جو چهرو اڳ وارو گسيل ڪونه هو. اهو هاڻي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو هو. وقت جي سچائيءَ، بک ۽ پياس جي سچائيءَ ۽ سختيءَ اُن کي ٽوڙي ڇڏيو هو...

ڪملا جي ٿڪليل اکين- ريگستان جهڙين ٿڪليل اکين کان بچڻ لاءِ سرسوتي هيڏي-هوڏي ڏسڻ لڳي. سامهون واري بلڊنگ جي درين جي چوکٽن شيشن ۾ هلڪي روشني هئي. رستو خالي هو. رستي جي- ٻنهي پاسن وارو سڀ ڪجهه شانت هو. هوا هئي. هوا ۾ لڏندڙ پنن جو آواز هو.

ٿڌيءَ هوا جو هڪ چڀندڙ جهونڪو هنن جي وچمان لنگهي ويو ته سرسوتيءَ چيو - ”ٻاهر ٿڌ آهي.“

”اڄ ڪجهه وڌيڪ آهي.“ اهي اکر اشوڪ چيا.

”تو وري اچڻ ۾ دير، اڄ ڪئي آهي.“

”امان ٺيڪيدار سان ڳالهائڻ ۾ دير ٿي وئي.“ اشوڪ چيو. هن ٿورو ڪنڌ ورائي هڪ ننگي نظر ڪملا مٿان وڌي.

”ٺيڪيدار سان!؟“

”ها، پرهينءَ کان توهانجي ڪمري جو ڪم شروع ٿيندو.“

”سچ!؟“

”ها، سڀاڻي باقي رهيل سامان ايندو ۽ پرهينءَ کان ڪم شروع ٿيندو.“

”ڪملا چانهه ته ٺاهي وٺ.“ سرسوتيءَ چيو- وري اشوڪ کي ٻانهن کان ڇڪيندي چيائين-

جي ٻانهن پڪڙي بيٺو رهيو.

”امان! او امان!!“ ڪملا اونهي آواز ۾ پڪاريو. آواز نوڪدار ڪانچ جي ٽڪر جيان ٻاهر جي ڌنڌ کي چيريندو هليو ويو.

”جي ءُ!“ سرسوتي جلد ئي ٻاهر هلي آئي.

سرسوتيءَ کي سامهون ڏسي اشوڪ ھڪو-ٻڪو رهجي ويو. هن جو چهرو ھڪدم وسامي ويو. هن ڪملا جي ٻانهن ڇڏي ڏني. اهو سڀ ڏسي سرسوتيءَ جي اندر ھڪ پل لاءِ هلچل پيدا ٿي پر ٻئي پل هن اُن کي دٻائي ڇڏيو. هن چپن تي نقلي مسڪراهٽ آڻيندي چيو- ”اشوڪ تون! ... تون ڪڏهن مهل آئين؟“

”بس هاڻي ئي ته آيو آهيان.“ ڪجهه وقت اڳ واري گهٻراهٽ تي قابو پائيندي اشوڪ چيو.

ڪملا چپ-چاپ بيٺي رهي. جڻ ته هوءَ ڪنهن ميوزم ۾ رکيل پٿر جي مورتي هجي- اها مورتي جنهن جا ٻئي هٿ ڀڳل هئا.

”اشوڪ آيو آهي ته اِلاءِ مون کي سڏ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ ڪيس اندر وٺي اچين ها نه؟“ سرسوتيءَ ڪملا کي چيو.

ڪملا جي مٿان ڪا بجلي ڪري. هن جو منهن ائين ٿي ويو جيئن ڪنهن مئل ماڻهوءَ کي ڏسڻ سان ٿي ويندو آهي. هن جي زبان مان ڪجهه به نڪري ڪين سگهيو. هوءَ ماءُ ڏانهن ٽڪ-ٽڪ نهاريندي رهي.

● واقفيت

ڪار-سرو سنهڙو سيپڪڙو پيرن ۾ سئنڊل، ڪڏهن رنگين، ڪڏهن سفيد پئنٽ ۽ قميص پاتل- ڏسڻ سان ئي هڪ ڪلارڪ نظر ايندڙ. اهو آهي ناري پدم.

ٻهرين دفعي جڏهن ناري پدم گڏيو هڪ وديارٿي ئي نظر آيو، هر ڳالهه جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ اتاولو.

ٽئي دفعي ملڻ سان، ڪن سوالن تي پنهنجي کلي راءِ ظاهر ڪندڙ ڏسڻ ۾ آيو. جيڪو نه فقط پڙهي ٿو، پر سوچي به ٿو ۽ ڪجهه ڀوڳي به ٿو.

ٽئين دفعي گڏجڻ، ڪيس ڏسڻ سان، ڪافڪا جي شڪل صورت سان ملندڙ شخص نظر آيو.

ساڻس ڳالهيون ٿيون، ڏک جون ڳالهيون، سک جون ڳالهيون.

ادب ۾ ٿيندڙ بي انصافين جو ذڪر، گروهه بندي، جو ويجهو سو دل تي- جون شڪايتون.

"اڄ پٽ اندر هلي ويهه ... مون کي توسان به ڪجهه نه ڳالهائڻو آهي."

"هلو". اشوڪ چيو ۽ هو دروازي طرف وڌي ويو.

پرمانند جي ڪمري ۾ گهڙندي ئي سرسوتيءَ چيو.

"پتو ٿئي، اڄ اشوڪ ڪيڏي پيار سان ڳالهائي آيو آهي. پرهينءَ کان ڪمري جو ڪم چالو ٿي ويندو."

"پرهينءَ کان؟ ايترو جلد؟"

"ها، بابا مان چاهيان ٿو ته جلد-۾-جلد اهو ڪمرو پورو ٿئي." اشوڪ پرمانند جي پرسان ويهندي چيو.

"گهر جي ڇت بوسات ۾ وهي ٿي. گهٽ ۾ گهٽ اها ٺهي پوي ها، ديوارن جو پلستر ته ٺهيو" پرمانند هلڪي نماڻي آواز ۾ چيو.

"گهر جي ڇت جي به مرمت ڪرائبي." اشوڪ چيو.

۽ هو ٻيئي انهن ڳالهين ۾ لڳي ويا.

ڪملا رڌڻي ۾ چانهه تيار ڪري رهي هئي. هوءَ اداس-اداس ۽ خالي-خالي هئي. پر واريءَ پٽ لئي هن جو پاڇو سميٽجي ننڍو ٿي ويو هو. گهر ۾ هلندڙ ڳالهيون ٽڪرن-ٽڪرن ۾ هن جي ڪنن ۾ پئجي رهيون هيون. هن جي دماغ ۾ چرخو چالو ٿي ويو- ڪمري جو ڪم چالو ٿيندو! پٿيون مٿي ڪڙيون لڳنديون!! ڪوليون ٺهنديون! پلستر لڳندو! فرش- لڳندو!... ۽ پوءِ ڪمرو مسواڙ تي ڏنو ويندو! هن چاهه ڇاڻي، چانهه جا ٻه ڪوپ ڪڍي جڏهن هوءَ هلڻ لڳي ته هوءَ "هوءَ" ڪونه هئي، ٺهندڙ نئون ڪمرو هئي ...

(رچنا، ڊسمبر ١٩٧٩ع)

زندگيءَ جو لطف ماڻيندڙ نه بلڪ زندگيءَ
جي بوجهه کي ڍوئي هلندڙ ناري پدم ناگپور
جي سنڌي بستيءَ جي ڪچي، پڪي جاءِ
۾ رهندڙ.

ڪٽنب، سماج، اوڙو-پاڙو، يار دوست پر
محدود دائرن ۾.

پنهنجو پاڻ ۾ ڪوهيل ناري پدم نظر آيو.

توهان کي هن ڪهاڻين ۾ اهو ناري
پدم نظر اچي ٿو ...؟

هي سنڌس ڪهاڻين جو مجموعو
”اٺون ڪمرو“ ٽالي سان توهان وٽ آهي.

ناري پدم جا ٻيا ڪتاب:

1- نيري آسمان هيٺان
2- خاموشيءَ جا دائرا

Reg. No. MH 745 TNA
Licence No. 10
Licence post without prepay
SINDHI TIMES
(Registered as a Newspa
in India No. N 6873/62

INDEPEN
ISSUE